انڊيا جي خاتون ناول سنڌي ليکڪا

# سُنڌي اُقهيند آٽي

چونڊ

# شاهڪار ڪهاڻيون

# سنڌيڪا پبليڪيشنس

ٽيرهون ڪتاب

انڊيا جي
خاتون اول ليکڪا

# سندري اتم چنداڻي

جون

# شاهڪار ڪهاڻيون

قيمت ڏهه روپيا


چيئرمين:
سيد بشير احمد شاهه

سپروائيزر:
ڪرم الاهي چنا

صلاحڪار:
لياقت عزيز

مئنيجر:
اعجاز علي شاهه

هيڊ آفيس:
٣٧- يونٽي پلازا
آءِ. آءِ. چندريگر روڊ ڪراچي سنڌ

برانچ آفيس:
٦١ مسان روڊ،
ٽنڊو ولي محمد حيدرآباد سنڌ



books.sindhsalamat.com www.sundriuttam.com

# فهرست


| | |
|---|---|
| ۱- ڪير پريا هٿڙا | ۹ |
| ۲- مان نٿر سندليس | ۱۸ |
| ۳- جيئڻ جي تمنا | ۲۸ |
| ۴- ٻنهن جا ناتا | ۴۰ |
| ۵- ساٿي | ۵۰ |
| ۶- ولائتي گهوٽ جي ڳولا | ۵۹ |
| ۷- سنڌڙي ڇڏي ويا دالوٽ دالوٽ | ۷۳ |
| ۸- بنڌڻ | ۸۳ |
| ۹- ڏيهه ٿيو پرڏيهه | ۹۴ |
| ۱۰- مني ڪهاڻي | ۱۰۳ |
| ۱۱- ٻکي سُونهن پنهنجي | ۱۰۷ |



"SUNDRI UTTAM CHANDANI JOON SHAHKAR KAHANYOON"
EDITED AND PUBLISHED BY
KARAM ILLAHI CHANNA, ON BEHALF
OF M/S. SANGAM PUBLICATIONS,
37-UNI PLAZA, I.I.CHUNDRIGAR
ROAD, KARACHI, SIND. AND PRINTED
AT M/s. ISHTIAQ PRINTING PRESS,
I.I.CHUNDRIGAR ROAD, KARACHI, SIND


books.sindhsalamat.com www.sundriuttam.com

# سنگم

پبليڪيشنس جو ايندڙ پرچو

## انڊيا جي بهترين ليکڪن جون

# چونڊ ڪهاڻيون

قيمت ڏهه روپيا

مارچ جي پهرين هفتي ۾ پڌرو ٿي رهيو آهي.

گهرائڻ لاءِ لکو:

سنگم پبليڪيشنس - ٣٧- يوني پلازا - آءِ-آءِ- چندريگر روڊ

ڪراچي سنڌ

books.sindhsalamat.com www.sundriuttam.com

# پبلشر پاران

سائينءَ!

هن پيري سنڌ ڌرتيءَ جائي، سنڌ ڌرتيءَ جي گود ۾ پنيل عالمي شهرت يافته ڪهاڻيڪار، جيجي سندري اتمچنداڻي، جيڪا اسان سڀني سنڌ واسين لاءِ، شاهه لطيف جي چواڻيءَ موجب: ”ڪي ڏور به او ڏانهن سپرين“ آهي، جي بهترين ڪهاڻين جي ڪتاب ”سندري اتمچنداڻي جون شاهڪار ڪهاڻيون“ کڻي حاضر ٿيو آهيان جيڪو ٿورو وقت اڳ ڀارت ۾ ”بندن“ نالي سان ”نيئن ديلي پبليڪيشنس“ بمبئي پاران ڇپيو آهي. هي ڪتاب بنا ڪنهن ترميم ڪرڻ جي بلڪل اصل حالت ۾ فوٽو آفسيٽ تي ڇاپيو ويو آهي. ان کانسواءِ وڌيڪ هڪ ڪهاڻي ”پکي سوٽهڻو پنهنجي“ سندريءَ جي هڪ ٻئي ڪتاب ”لو جنين تان“ تان ورتي شامل ڪئي وئي آهي. مونکي اهو چوڻ ۾ هٻڪ ڪو اهم ڪونه ٿو لڳي ته سندريءَ جي ڪهاڻين جو معيار ايترو ته اوچو آهي جو، مان پنهنجي پاران انهن تي تبصرو ڪرڻ يا راءِ ڏيڻ جي پاڻ ۾ اهليت نٿو سمجهان. مان سمجهان ٿو ته هي ڪهاڻيون توهان کي تمام گهڻو پسند اينديون ۽ وڏي ڀ... مهرباني ٿيندي جيڪڏهن ڪتاب پڙهي پنهنجي راءِ کان اداري کي واقف ڪيو.

ڪراچي - سنڌ
٢- فبروري ٨٣ع

سائين سلامت
اوهانجو ساٿي
ڪرم الاهي چنا

books.sindhsalamat.com www.sundriuttam.com

books.sindhsalamat.com www.sundriuttam.com

هر سنڌي ڪهاڻيڪاره
جيجي سنڌري اتمچنداڻيءَ جي شاهڪار
ڪهاڻين جي ڪتاب ڇپرائڻ تي اداره


**سنگم پبليڪيشنس**
کي مبارڪون



---

**سيد غلام حسين گوپانگ**
قمبر علي خان ضلعو لاڙڪاڻو
سنڌ

هن سنڌ جي سرواڻ ليکڪا
سندري اتمچنداڻيءَ جي سنڌ ڪهاڻين جي
ڪتاب ڇپرائڻ تي
اداره **سنگم** پبليڪيشنس
کي مبارڪون



---

**عمر سومرو**

ٺارو شاهه - سنڌ

books.sindhsalamat.com www.sundriuttam.com

# ڪهڙ پيريا هنڌڙا، نهڙ پيريا نيڻ

"ڊيڊي!"

"ڇا، جولي."

"اڄ ڪٿو ڇو پيو اونائي؟"

"توهان جو ته انهن وهمن ۾ وشواس ئي ڪونهي."

"اڄ چڱو .... ڊپ پيو لڳي."

"ڇاڪاڻ؟ .... اونده ڪاڻ؟"

"نه ڊيڊي توسان ساڻ آهيان ته ...."

"اڙي هي ڇا ... روئين ٿي جولي ...."

"نه .... روئان ڪٿي ٿي."

"توهان جي واڻيءَ مان ڪيتري نه خوشبوءِ پئي اچي."

"واڻي ڏينهن راتيءَ جي هٿن ۾، رومال ۾، وهندي وارن ۾ به اهڙي ئي خوشبوءِ هئي."

"اهي سڀ ته لوئي سنگهيا هوندا، اسان ڪئي ته اهڙو وجهه ئي ڪين مليو."

"وجهه!!"

"ڪهڙي ڳرج آهي ٻئي خوشبوءِ جي؟ توهان جي وارن ۾ ڇا گهٽ خوشبوءِ آهي. ياد اٿيئي، جڏهين ننڍين شادي ڪري آئي هئينءَ، تڏهين منهنجي ڀرڻ لـو لاءِ

books.sindhsalamat.com www.sundriuttam.com

شئمپو وٺي آئي هئي. مون چيو هوس: وري اهو مڪڙهن
نه آڻج. منهنجي مساڪ جون الاهي استرايون جڙهن
ميت ٻـ. لٽڪيون پيون سگهن لڳ هن مان شئمپو ڪيئن
هٽيندبس!!!.... اڙي تون نه سمجهي ڏکڻ پيئي!“

”هي آواز ڇا جو ٿيو؟“

”ڪو وڻ ڪري پيو هوندو.“

”وڻ!!“

”هيڏو جو طوفان پيو لڳي، سو وڻ نه ڪرندا ٿي.“

”طوفان ۾ سڀ وڻ ڪري پوندا؟“

”ڇا ٿيو آهي توکي، جولي. جن وڻن جون پاڙون
پختيون آهن اهي نه ڪرندا.“

”نه.... نه.... اهي ٻه ڪري سگهن ٿا.“

”اهي ڇو ڪرندا؟.... اڙي هي ڇا! منهنجي اکين
مان شايد پاڻي پيو ڳري. آهه، هتي منهنجي ڇاتيءَ تي
سمهي پئه.“

”ٻڌاءِ تو.“

”ڇا؟“

”ٻاهر شايد ٻمبئي جو سمنڊ اٿلي پيو آهي.“

”نه راڻي، چوماسي جو پاڻي وهڪرو ٻڌجي گهٽين
مان ڊوڪندو پيو لنگهي.“

”هائو.... اڄ ئي آهي.“

”مان ڀالمانٽو، توکي ٽپ پيو اچي.“

books.sindhsalamat.com www.sundriuttam.com

"نه نه ڪجهه ڪونهي.... اسان هميشه چندرا جي پٺيءَ ڳالهه ڪئي نه."

"هائو تو پئي چيو، هن جڏهن ٽوڪي گهمڻ جي وهٽي ٻاڻي لڏهن ٽوڪي سندس هر چيز مان سرهاڻ پئي آئي."

"هائو، ائين ٿي هو ۽ مون جڏهن سندس ٻانهن تي هٿ ڦيري ڇڏيو، ڏاڍي اڇي ٿي پيئي آهين، لڏهن خبر اٿيئي ڇا چيائين؟"

"ڇا چيائين!"

"ڏاڍو مٺو ڪلي لوڏ سان چيائين: کير جو ٿهل اٿيئي منهنجو سرير."

"اڇا ... بس شاهوڪار ماڻهو آهن، اٿندي ويهندي کير جو پيئندا، سو سرير مان کير نه ٻکندن؟.... ڪن جا ته ٻار به ٻورو کير نه پي سگهن."

"عجيب چرخو آهي.... ڪٿي ماڻي مڙهئي نه مڙي، ڪٿي ٽڪر پيا ٽيڙا ٿين."

"ٻر جولي، اچ لڏهنجو آواز اهڙو ڳورو ڇو آهي؟"

"نه ڪٿي آهي ڳورو.... ها هڪ عجيب ڳالهه ٻڌندين؟"

"ڇئه."

"جڏهن چندرا کي اسٽيشن تي وٺڻ هليا هئاسين، لڏهن ٽرين جي دروازي مان لهندي سندس روشن مکڙو ڏسي، اللهي ڇو سڄي بدن مان ڏکڻيءَ جي ڏار لنگهي وئي."

books.sindhsalamat.com www.sundriuttam.com

”اڇا!.... پر اُهين ڇو ٿيو؟“

”ڪجهه سمجهه ۾ نٿو اچي. مون کي نه ڪڏهن سان
۽ رهڻ ڪانهي. مان نه ٿوکي ٻاڻي ساري سنسار کان
سکي ٻيٽي سمجهان پاڻ کي.“

”ڪٽي ايڏو خوش رکيو اٿم ٿوکي. رنگ ٿي ٻڌ اڇي
وٺو اٿيٽي. چندرا ۽ ٿوکي شادي ڪٽي ساڳيا سٽ اٺ
سال ٿي ٿيا هوندا، پر ڪٽي هوءَ، انهن ٻٽي لڳي جڻ
ڪالهه پرڻي آهي ۽ ڪٽي ٿون....“

”۽ مان ٻڌي ٿي واٽي آهيان....“

”اڙي اڙي، روئين ٿي ٻا ڪلهن ٿي. پر مون ڪٽي
ڇيو نه ٿون ٻڌي ٿي رهٽي آهين.“

”ڇٽي ڏي، ڇاهي آلم؛ سچائي نه آهي.“

”هٽ ڇري.“

”سچ ٿو رو ٿي ٻڌائيندا ٻن“

”ڇونه ٻڌائيندس.“

”ٿون ٿي نه ڇوندو آهين ته جيٽن ٿکي روشني نٽي
سهي سگهجي ليٽن ٿکا سچ ٻس خاص ڪري ٻنهنجي
نازڪ لالن وٽان ٻڌي نه سگهيا آهن.“

”ڇڏ اهي وڏيون ڳالهيون.“

”اٺ سال... ڪيڏو وڏو عرصو.... پر لڳي ڪيترو
ننڍو پيو. جڻ ڪالهوڪي ڳالهه آهي، هولڪا جي
ڏونهن ٻي ڏکي، ماسي ٻنهنجون ٽڪڙيون ٻچائڻ

books.sindhsalamat.com www.sundriuttam.com

لاءِ هيٺ لهي آئي هئي. ٻاهي سان مائٽيءَ مٽيءَ جون ڳالهيون ڪٽي ويٺي. چندرا جي مائٽي ڇوڪ لڳي. ٻاهي چيو: جولي ۽ چندرا ٻنهي سؤنين مان جيڪا پسند اچين سا ڏيڻ لاءِ تيار آهيون. هاءِ رام! مون کي ته ان مهل ڇاليءَ ۾ اچي دڪ دڪ ٿي."

"اڙي، اها ته اڇا ئي پيئي ٻڌڻ ۾ اچي."

"ڇڏ ٻر مسخري."

"شڪر. ڪلهه ته سهين."

"۽ ماسيءَ جڏهين چيو: جولي وڏي آهي، ٻهراڻ جوليءَ جو سڱ ٺيڪ ٺهڻ کپي، تڏهين ته مون روئي ڏنو. شڪر جو اهڙي ماسيءَ چيو: ٻر ڏاڍي ليڪي تمام گهٽي ٿا گهرن، سو چندرا جي ڀاليءَ جيڪو چندرا لاءِ ٻنڌڪ ۾ حصو رکيو آهي، ان مان ڏاڍي ليڪي ڏيئي ڪٽي چندرا کي ٿي ڪڍي."

"ٻڌان ويٺو ڏيڪ.

"هائو ٻڌان ٿو... تنهنجي ڀالي ته، جيڪر تو لاءِ پيسا ڇڏي وڃي ها ته چڱو."

"نه بابا... جڏهن وقت ماسيءَ ڏاجي ليڪيءَ جي ڳالهه ڪئي تڏهن وقت منهنجي دل تان الاجي ڪيڏو بار لهي ويو. مون پنهنجي غريبيءَ کي وردان سمجهو."

"ڇو؟"

"وري پڇين ٿو ڇو. تون سمجهندو هوندين ته

books.sindhsalamat.com www.sundriuttam.com

چندرا توکي گهڻو ڳائيندي هئي. پر هوءَ نه انهيءَ جا شعر رڳو پڙهندي هئي ۽ مان نه. آهي اصل دل ۾ اتاري ڇڏيندي هئس. چندرا توکي ٻاهران چاهه ڏيکاريندي هئي پر مان اندر ئي اندر توکي 'ڪرشن' جي مورتي جيان من مندر ۾ رکي ڇڏي هئس."

"۽ توکي سچائيءَ سان مون چيو 'رادا'."

"مگر مان نه 'رڪمڻي' ٿيڻ جي آئي آهيان توهان جي گهر ۾."

"مونکي نه 'رادا' ۽ 'رڪمڻي' ۾ ڪوبه فرق نظر نٿو اچي."

"مگر مونکي الائي ڇو اڄ اهو فرق محسوس پيو ٿئي."

"هل مست!"

"... الائي ڇو ڇاتيءَ ۾ ڳورو سور پيو محسوس ٿئي."

"ٿڌي هوا جو اثر هوندو."

"مونکي ته هوا گرم پئي محسوس ٿئي."

"تڏهين ڀلا ڪهڙو ڪارڻ آهي؟"

"سمجهه ۾ ئي نٿو اچي... ها چندرا جي ڳالهه پئي ڪيم. ڪيتري نه حسين ٿي لڳي. جيڪي ٻه ئي ڪلاڪ اسان جي ننڍڙي گهر ۾ رهي، تن ۾ ائين پئي لڳو، ڄڻ بتيون لڳيون وئون آهن اسان جي گهر کي. ڪيترو ڇيوماس اسان وٽ رهي پئي، پر ساوريءَ جي وارلي ٻيچ بيڪاري کي ڇڏي هتي انڌاريءَ جي مڇرن ۾ ڀلا ڪيئن

books.sindhsalamat.com www.sundriuttam.com

سڪ، اهڃاڻ. خير، ڪيئن نه اهو، پر سندس مڙ ڪل
اڃا به منهنجي ڪنن ۾ پيئي ٻُري."

"اُن ۾ ڇا آهي. سڀ انهيءَ جڏهن تون ٻين جيون
جي دک ۾ دکي ٿي روئندي آهين، تڏهن اُهي همدرديءَ
ڀريا سڏڪا هفتن جا هفتا منهنجي ڪنن ۾ پيا
ٻرندا آهن."

"وري ڇرچا..."

"مان نه ساهيا ۾ پيو ڳالهايان."

"سچ پڇين ته موکي ته هن ڀيري چندرا اهڙو پيئي
وٽي جو ڇا ڇوان."

"چوندي هوندين ته تنهنجو گهوٽ به چندرا جي
گهوٽ وانگر جام پئسا ڪمائي ها ته تنهنجين ٻانهن ۾
به چندرا وانگر ڪير ڪجلا ڏئي ها."

"ڇو پوءِ تون منهنجي سندرتا منجهان الساهت ٿي
شعر رچين ها."

"ڇڏ مسخري .... تنهنجي روح منجهان جا چانڊڻي
ڇٽڪي منهنجي آتما کي روشن رکندي آهي، سا ڇا
فقط هڪ سندر سرير رکڻ سان ٿي ملي سگهي ٿي.
تو ڀاڙڪي داس جي عام نارين سان اهڙو ته ڳنڍي
ڇڏيو آهي، جو انهن جا سک دک تنهنجي جسم ۾ ٻڪندا
نظر ايندا اٿم. انڪري منهنجي شعرن ۾ داس جون
سڀ نارون زبان پائي ونديون آهن.

books.sindhsalamat.com www.sundriuttam.com

"هڪڙي مزيدار ڳالهه ٻڌايانءِ."

"ٻڌاءِ."

"چندرا کي چيم: ڏسج هڪ ڏينهن اهڙو ضرور ايندو جڏهن هندستان جي هر ناريءَ جو ٻڌن کير جو نهيل هوندو."

"غصو نه ڪين لڳس."

"غصو نه ڪين لڳس. پر چيائين اساجي ملڪ ۾ اهڙي ڳالهه ڪڏهن ڪين ٿيندي."

"ڇو؟"

"بس چيائين: مونکي وشواس لٿو اچي."

"جن جو اَوشواس ۾ ٿي وڃي وشواس ڪٿو آهي، ان کي ڇا چئبو؟"

"هائو ان کي ڇا چئبو .... اوشواس نه اساجي جيون کان گهڻو پري رهڻ کپي ...."

"ڇا پيٺي چوان؟ پاڻالٿو تنهنجي من ۾ ٻيو ٿي ڪجهه پيو هلي. ڳالهائين مولسان ولٿي، پر جواب جڻ پاڻ کي پيٺي ڏين."

"ڪجهه هو نه سهين .... الاجي ڪيئن ..."

"ڇا الاجي ڪيئن؟"

"الاجي ڪيئن ٿوري ڪمزوري من ۾ ڪاهي آئي هئي."

"ڪمزوري!!"

books.sindhsalamat.com www.sundriuttam.com

”الائي ڪيئن سمجهيم، شبنم جهڙي ڪنهن جي ننڍڙي دل، هيرن لاءِ نه موهجي وڃي ها.“

”ائيا نه انهن تي سمجهين؟“

”نه هاڻي مان مضبوط آهي.“

”پوءِ نه روئيندين پيئي.“

”... ڏاڍو وڏو طوفان آيو هو... مان ڊڄي آهيان نه؟“

”پوءِ ڪونهي. ڪڏهن ڪڏهن اڀل ڌرتيءَ جي هياءُ ۾ نه لوڏو اچي ويندو آهي.“

”ڇو ڌرتي ايتري ڪمزور آهي؟ آسمان نه؟“

”آسمان کي جڏهن ڏوڏو ايندو آهي، تڏهن ڪڪرن جو روپ ڌاري هيٺ لهي ايندو آهي ۽ دور افق ۾ ڌرتيءَ کي سيني سان لائي اسٿر تي ويندو آهي.“

”ٻاهر برسات شايد بند ٿي وئي آهي.“

”هائو، ائين ٿي لڳي ٿو.“

”دري کولي ڇڏيان.“

”بس، مان ئي ٿو اٿي کوليان.“

”اڙي، هيترو وقت لـ ٻين جو آواز ٻڌڻ ۾ ئي ڪونه ٿي آيو.“

”دري جو بند هئي.“

”هڪ ڪمي رات، وسڪاري ڪاڪپوش هن ٻين جو آواز ڪيترو نه مڌر ٿو لڳي.“

”انسان به مڌر آهي لهجي هيءَ اوجل ڪل.“

”...... ....“

”اڙي، آسو!“

books.sindhsalamat.com www.sundriuttam.com

# مان ٽرسنديس....

آئسن جي ڏاڙهن مان اگر ماضيءَ کي ڏوڪي ڏاهي سگهجي ها ته راتا ساري عمر روئندي گذارڻ لاءِ تيار هئي. مگر رات جي اڪيلائيءَ ۾ جو اوچتو ڪيس آئسن جي اُسرڻيءَ جو احساس ٿيو ته هوءَ بستري تان اٿي کڙي ٿي. دريءَ جي پردي سان اکيون سڪائي آڪاس جي اونداهيءَ چادر ۾ نظر کپائي دريءَ تي چڙهي وهي رهي. دريءَ جي هڪ پاسي هئي ننڍا ماڙا هيٺ، اونهي موت جي ڪاهي ۽ ٻئي پاسي هئي عجيب آنند ماڻڻ، پريشان ۽ ڏنگي لوڪ جهان گذرڻ جيون - جيون جنهن ۾ هڪ پاپ هو.

هڪ پاپ، ٻه انسان. انهن ته هر پاپ ۾ ٻيءَ هستيءَ جي موجودگي گهرجي. ڪوئي ڪرم جيستائين هڪ حد تائين محدود آهي تيستائين پاپ نٿو بڻجي. جڏهن ڪنهن ٻئي جي جو هاڃو ان ۾ شامل ٿيو وڃي، تڏهين اهو ڪرم پاپ بڻجي پوي.

مگر نڪي واري سان هڪ رات گڏ گذاري راتا ڪنهن جو هاڃو ڪيو هو، سا ڳالهه ڪيس سمجهه ۾ نٿي آئي. پوءِ جنهن ڪرم کي سڀني پاپ ٿي سڏيو، تنهن

books.sindhsalamat.com www.sundriuttam.com

کي ٻار به پاپ سمجهي، فقط الڪري جو ٻيا ٻالڪ پاپ ٿا سڏين، ان ڳالهه لاءِ هو ته ۽ ٻار نه هئي. نه ته ٻاقي هي موالهارو چاچو هو؟ ٻار کي نه سمجهي سگهڻ جو؟...

راڌا هوندي به، شايد ٻار سمجهڻ لاءِ، سمجهڻ جي جهنجهٽ ۾ پوي ئي ڪين ها، مگر ٻار کي سمجهڻ لاءِ آمادو ڪندڙ جيڪو شخص هو، اهڙي ڪاڻ ڳالهه نظرانداز ڪري سگهڻ جو نه. راڌا ۾ ساهس هو ۽ نه اهڙو ساهس ڪرڻ لاءِ دل ئي هئس. چار ڏينهن اڳ راڌا اهڙو ساهس ڪيو به هو، پر فقط هڪ ڪن لاءِ. جڏهن مهل چيائين، "دادا، توهين دکي نه ٿيو، سڀ ٻچڙان جي اڇا هئي." ۽ هريداس اهڙي جواب ۾ وراڻي ڪئي هئس هڪ چماٽ ۽ گرجي چيو هئائين، "اڇا پنهنجي ڪمزوري لاءِ ٻچڙان کي ڏاهي ٺهراءِ." تنهن مهل فقط هڪ ڪن راڌا سوچيو هو: "هريداس اسان جو ڪم لڳندو آهي!"

پر مٿن لي منهن رکي، دکي ڪان وياڪل ٿي، جڏهن هريداس ٻاڏايو، "سچي ڏيءَ ڪاڻ اٿم نه راڌا، اهڙي نوڪي ڏيءَ سمجهڻ جي غلطي ڪري وٺس. نوڪي اهڙو ٻلو چوڻ جو ٻيا موالڪي کهڙو حق آهي...."

راڌا جي من ۾ آيو هو ته سندس ٻيرن کي چنبڙي چوي، "موالڪي ڏاري نه سمجهو بابا. موالڪي ته سڀڪو پيءُ ڪوٺي." پر اهڙو ڪجهه ڪري ئي نه

books.sindhsalamat.com www.sundriuttam.com

سکھي. فقط ايترو چيائين، ”سکو ٿو ڪولهي، جيڪي
ٻالڪ ٻي جاهين تي اهي ئي سڪا آهن. مان سوچيندو هئس“

ليڪن سوچڻ هڪ ڳالهه هئي، عمل ٻي ڳالهه. سوچ ۽
اُن عمل سان ميل کائي سگهي ها نه. هيترو سڀ
ڄاڻي ٻجهي به هو، واڌا جاڳندي ته ڇا ڪنڌ نمائي به نه
ڪين سوچيو هو ته هو به ڪنهن ننڍڙي واري کي پاڻ
اڳڀرو ڪري سگهندي!

جيڪي سوچيو هئائين، اهو ٿي ڪونه رهيو هو. ۽
جيڪي ورو ڪري سوچيو هئائين، خوابن ۾ ڏٺو
هئائين — سا ڪا ماڻهي به لڳي سان هاڻ، اوچتو ساڙهيون،
ميڪ اپ ۽ هڪ وڏو وڏو آڪاهنو ۽ ٻڌائيندو گهر. اهو
سڀ سوچ جي صورت ۾ ئي رهجي ويو هو؛ عمل جي
اوساريءَ ۾ لهجي نه سگهيو هو.

۽ عمل ۾ جيڪي اچي چڪو هو ان لاءِ هاڻ سوچڻو
هو. ڇا سوچڻو هو؟ هاڻ ته جيترو اڳتي وڌڻ مشڪل
هو، پٺتي موٽڻ پاڻ ان کان گهڻو مشڪل هو. ۽ هوءَ
وڃي هئي رات جي اڪيلائي ۾ اُڌاهه پيڙا جي پونجي
کڻيو ٿي. اڄ ڪيس گذريل پلن کان، دريءَ کان ٻاهر ستل
جهان کان، وهندي هئي پئي روشنيءَ کان به هڪ
عجيب خوف محسوس ٿي رهيو هو.

هوءَ اُٿي اچي پلنگ اي لهي. اوچتو دروازي
جو پردو اُڏامي اچي سندس منهن لڳي پيو. ڪانئس

books.sindhsalamat.com www.sundriuttam.com

ڏري گهٽ ڏانهن نڪري وئي. مگر جڏهن ڏاڍين ۽ لڳو لڳو ڪمري ۾ سٽل ماڻهو اُٿي پاڻي پيئڻ لاءِ ٻاهر ويئي هئي ۽ سامهون واري دروازي جي هوا اچي پردي کان هيءَ حرڪت ڪرائي هئي، لُڏهين ڪمس ڪُل اچي وئي. مگر ڪاٺ جون ته هي ڪهڙيون ڪين هيون ...... هن ٻُڌو ساهه کڻي اڏامي آهل پردي کي وڌيڪ سيڙهي، ڪمڙ هيٺان ڪڍي رکيو. ر ٿيءَ پردي جي ٻڌي لسي ڇڪڻ ۾ ڪمس هڪ ڪهڙيءَ لاءِ آئت ڏيندڙ سکيو پراڻيءَ جو احساس ٿيو. اهڙو پراڻي جهڪو هوا جي زور لـــي هلڻو هجي- بلڪل سندس جيان ٿي ڪمزور ۽ ڀراڻ هوندي پراڻ هجڻ هجي.

مگر پراڻ هئا ته پيار هو، پوءِ اهو پنهنجي ذات جي هڪ انسان ٻڌران، ذاريءَ ذات جي هڪ ساٿيءَ سان آهي ته ڇا آهي؟ ليڪن پر پداس ڇيو هو، "هي پيار ااهي راڌا، هيءَ آهي پيار جي گراوٽ، جڏهن ۾ ٽون ۽ ٽو جهڙيون ڇوڪريون پاڻ سان گڏ سندي سماج کي به ڪمرائي رهيون آهن."

"سماج ٻڌي، چاهي ڪري، مان هڪ، ان کي ڪهڙي ڪري ڏيئي ٿي سگهان!"

"هڪ هڪ مڏجهان ٿي ۽ سماج ٺهي ٿي ڏيءَ."

"ته هڪ هڪ جا احساس ٻـ سماج جا احساس

books.sindhsalamat.com www.sundriuttam.com

آهن. منهنجي احساس جي سماج ڪهڙي پرواهه ڪئي
آهي، جو مان سماج جي پرواهه ڪريان؟ ....."

"منهنجا احساس اهي ئي آهن نه منهنجي قوم جو
رواجي پگهار ڪٽيندڙ انسان تو اڳيان ڪي ڪندي؟
هڪ ڏاريءَ ذات جو ٽڪسيءَ وارو جنهن جي رهڻ سهڻ
سمجهه توکان نرالي آهي......"

هائو ٽڪسيءَ وارو ئي نه هو، جنهن سان پرڀداس
ڪيس هوٽل ۾ گهڙيندو ڏٺو هو. هاءِ رام! انهن هوٽل
جي ڪمري جو در ڪوليو، اڪين مان اتري شانتي
چلڪائي، ڪنهن کي ارف جيان چمائي ڇڏڻ کان نه
بهتر هو نه هو اٿيئي هڪ طوفان ڪري ڪري ڇڏي
ها؟ پر شايد راڌا جو رستو ڪجهه آسان ٿي پوي
ها. هوءَ ضد ۾ اچي ان شخص سان ڪيڏانهن ڀڄي
وڃي ها. ليڪن پرڀداس نه واٽ ئي نرالي ورتي
هئي؟ گهر اچي سنڌس جيون جي ساٿيءَ جا سڀ
ڀارا سنڌس ئي اڳيان اٿلي ڇڏيا هئائين. پيو ڪوئي
راهه جوڙي ڏئي، ان تي هلڻ اگر آسان ناهي نه
پنهنجي راهه پاڻ جوڙڻ به نه گهٽ مشڪل ناهي.

ماءُ ڪمري ۾ اچي انهي وسانئي هلي وئي.
ويندي ويندي در جو پردو ڇڪي هيٺ ئي ڪيائين
ته هلڪيءَ ڇڪ مان سمجهي وئي ته راڌا جاڳي رهي
آهي. ان کي اٿڻ لاءِ ڀا پنهنجو اٿاهه دک ڇلڻ لاءِ

تڏو ساهه ڪڍي چوندي ويئي، ”سري رام!“

راڌا سوچيو، ”مگر هن ڪيسي دک ڪرڻ جو حق ئي ڪٿي آهي. منهنجي پاپ ۾ ڪنهن حصي لائين ڇا هوءَ ڀائيوار ٿي آهي؟ ماڻ جڏهن ويهن ورهين جي هئس تڏهن کان هوءَ گهٽا گهر موٽائي چڪي هئي؟ ڪن جا گره نه نڀيا، ڪي گهٽ آڪاهتا هئا؛ ڪن جا ٻڪيار گهٽ هئا ۽ ڪن جي رهڻي ڪرڻي اسان جي گهر کان گهٽ درجي واري هئي. ۽ جنهن لوڏ سان هوءَ چوندي ڦرندي هئي: منهنجي راڌا تي اهڙي گهر ۾ وڃي، سا ڇا ٺيڪ هئي؟ حقيقي هئي؟“

ماءُ جي اها لوڏ ئي گهمنڊ ٽٽڻجي راڌا جي نس نس ۾ سمائجي ويئي هئي ۽ هوءَ پاڻ کي سمجهڻ لڳي هئي هڪ خاص ڇوڪري، ۽ خاص جون خصوصيتون هيون - فقط وار ٺاهڻ، نهن ٺاهڻ، سنيما ڏسڻ، هر نئين ڪپڙ پهرڻ ڏينهن ڏسڻ....“

اهڙيءَ خاص ڇوڪريءَ لاءِ پرڀداس ڪڏهن ڪڏهن ڪو گهر ڪٽي باسي کاڻ پوري آندو هو، پر راڌا اهڙي گهر ۾ وڃي، جتي پاڻ به وڃي ڪمائڻو پوي؟ نه نه راڌا اهڙي گهر ۾ وڃڻ کان شادي نه ڪرڻ بهتر ٿي سمجهيو ۽ سندس عمر به رڳو پنجويهه ورهيه ٿي نه هئي!

ڪولي ٻچي وجهندو هوس، ”راڌا اچا ٻيو گهر

ڪڏهن وسامندا آهن؟" نه چوندي هئي، "اهڙي ڪهڙي لڪڙ آهي، ماڻهن جـــون ڏاڍيون اُجهيون ور هيڻ جون ونيون آهن."

وڏي نسي شادي ڪرڻ جي ڄڻ شرط هئي ته "گدڙ ڏاڪ نه ٻڌي آڪي نو ڪڙا" وارو حساب هو.

مگر ان حساب جو جواب عجيب مليو چڪو هو. ڪٿهش جي پوڄا ۾ راڌا ساموڻ واري گهر ۾ هڪ رات جاڳرڻ ڪري آئي ۽ نڪسيءَ جو مالڪ ان کان پوءِ ڪمس نڪسيءَ ۾ چاڙهي پوني جي هر ٻاغ، هر قدرتي نظاري جا چڪر هڻائي آهو. ساءُ ڏنو، راڌا اڄ اڄ ڏينهن گهر کان غائب رهڻ لڳي هئي. پر سور ساڻ جهڙو هجي نه ڪنهن سان سڀي. هن ٻيري ٻر پيداس جي اچڻ لاءِ راهه ۾ اکيون ڪٿي وڇايائين.

جڏهن ٻر پيداس آيو ۽ لڪي لڪي راڌا جو پيڇو ڪري، راڌا جي هلت جو پول اچي پڌرو ڪيائين، تڏهن ماءُ کان ڪاڏو ڇڏائجي ويو. هوءِ وساڻي اچهاڻي، ڪنڊ وني پٺجي رهي.

راڌا گهر موٽڻ مهل جيتري ٺپي الدر ۾ ڪاڏل هئي، اوترو ٺي ٻاهران اي پرواهه نظر اچڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳي. ڏاڍي خفڪيءَ سان ماءُ کي چيائين، "ڇوڪرا ٿو ن ٻلي هڪٻئي سان اساهيڙپ رکن، پر ڪنهن ڇوڪري سان دوستي رکيائون نه منيون ......"

books.sindhsalamat.com www.sundriuttam.com

ماءُ جلدي چيو ته ”منهنجو پٽ، گهوڙي پنهنجي واڳ پنهنجي هٿ ۾ ورتي آهي، اسان کي ڏسڻو آهي ته فقط هو ڪيستائين ٿو ڊڪي! پر ڏيئي اهڙو چوڻ ڪان مان به نه ويندس ته، ”چونڊ ايندي ٿي چور وڃي ته ڪڪڙيون.“

”اِي قوم ٿي ته انهن ماڻهو ڪڪڙيون ٿي اما ۽ پنهنجي قوم جا ماڻهو پاڻ ۾ هانوءَ جيڏا واڻ ڦاڙي وتنا هجن. پر اوستائين سوچڻ جي ڳالهه ئي ڪانهي. ڪڏهن به چوڪريءَ جو رستو معمولي شادي نه ناهي، دوستي به ٿي سگهي ٿي.“

”دوستي ٿيندي آهي ڪنهن ملڪي ڪاروبار ڪندي، گڏ پڙهندي، ڪنهن منزل طرف ويندي...“

پريداس جو گنڀير آواز گونجي اٿيو، ”نه هونئن ۾ گهڻو ۽ سوڪڙيون هٿ ڪرڻ لاءِ ۽ ساهه اڳيان ڪجهه کي اڳتي ٻاهر ٻون ٻول پڙهڻ لاءِ. ڏسو ڏسو، اڄ ڪجهه ۽ ٻاهه گڏ رهيون، پر ٻاهه ڪجهه کي ساڙڻ ٿي ڪين....“

ڪجهه سڙي چڪي هئي. راڌا جون اکيون آليون ٿي ويون. ماءُ ۽ پريداس کي پاڻ اهڙي خبر نه هجي ته ڪهڙي مهل ۽ ڪيئن راڌا وهڪ ۾ وهي ويئي هئي، پر راڌا کي انهن ٻنهي لڳو ته اهو سڀ سندس نراڙيءَ تي لکيل ورو آهي. مگر نراڙيءَ تي لکيل داغ انهن آنسو وهائڻ سان نه ڌوپي نٿي سگهيو.

books.sindhsalamat.com www.sundriuttam.com

ٽئڪسي جي مالڪ جڏهن چيو، ”ڇا ٿيو، جيڪڏهن دوستيءَ ۾ هڪ ٻئي کي ٽن منٽ ڏئي ڇڏيو سين ته دنيا اڳيان پڌرو ڏيڻ جي ڪهڙي ضرورت آهي؟ اسانجي رشتي مان نه تنهنجا مائٽ راضي آهن ۽ نه منهنجا. بس کلي کلي موڪلائي ڇڏينداسين.“ تڏهين رادا کي لڳو ڄڻ بس ۾ ڌوڏا کائيندي کائيندي سندس اک لڳي وئي هئي ۽ جڏهن اک کلي هيس، تڏهن منزل گهڻو اڳ ڇڏائجي چڪي هئي! هئي ته هئي فقط اوجهڙ - اوجهڙ جنهن ۾ رلندو رهڻ نظر آئي ٿي گنگا ۽ ساوتري. گنگا هڪ ٺلهي ۽ ڪم ڪندڙ غير سنڌي جوان سان پرڻجي وئي هئي پر سندس ماءُ پرڻجڻ کانپوءِ جوان ڪنڌانهن ٻڌي ويو، گنگا کي ڪا به خبر ڪانهن هئي. هن اني لئي لاءِ محتاج ڪندڙ دنيا ۾ هوءَ سوءَ جي گل جيان ڪومائجي وقت کان اڳي ٻڍي ٿجي، در در ڀٽڪي رهي هئي......

۽ ساوتري، هوءَ سرلتائي سونهن وڃائي مريض ٿيڻجي ماءُ وٽ موٽي آئي هئي. جهڙي نموني ماءُ سان وڙهي جهڙي گجراتي سيٺ جي ڌني پرڻجڻ لاءِ هلي وئي هئي، اهڙي ئي نموني جهڳڙو ڪري گجراتي سيٺ جي سرلتا پرڻجڻ کان انڪار ڪري کيس سندس پتنيءَ وٽ ڇڏي موٽي آئي هئي.

ساوتريءَ جي جيون مان سيٺ کلي کلي موڪلائي

books.sindhsalamat.com www.sundriuttam.com

ويو هو ۽ هاڻ هتي ساڻي ٻولي نيل ساوڙي ۽ هٿا
ڪورڻ جا در ......

ٻرپداس چيو، ”ڏي“، سپاٽا ماڻهو ٻين جي مثالن مان سکندا آهن. گنگا ۽ ساوڙي آهن گـل کان نـٽـل ٻنگڙاون ڪرڻ ۽ مسيل... پنهنجي قوم کان ڪٽيل...“

جيڪڏهين ڪـاي ڪلي موڪلاڻو ٿي آهي تـہ انسان ۽ جانور ۾ فرق ئي ڪهڙو ٿيو؟ واڌا سوچيو ۽ اٿـي ڪڙي ٿي. آلڏ مالڏ ختم ٿي چڪي هئي. اٿي بـتي ٻارڙائين ۽ ميز جي خالي مان پيو ٻيسل ڪڍي لکيائين:

”ٻرپداس دادا،

ماضي منهنجي لاءِ سکهي تہ لُـنجي ۽ سکهي ٿو ۽ هڪ ڏينهن شايد لت اُلڪي ڊاٻي لـي ڇڏي. توهين ٺيڪ ٿا چئو، جيون جي هڪ پل سان سؤ پلون ٻين بہ گڏڻ نادالي آهي. مذهبي قوم وٽ جڏهين مون جهڙين وچولي درجـي وارن ڇوڪرين لاءِ ڪاڏيون، مونون ۽ ٻڪلا نـاهن تـہ ڇا ٿيو. هتي سان ٻو رهيو ڪندس، ساڻ ٻون ساڙهيون پائيندس. ٺيڪ ٿا چئو، مون جهڙين ڇوڪرين کي ٻهار ۽ ٻڌجي زندگي عيش لاءِ پئي لپ ۽ لپاڪـہ ڪري وٺڻ گهرجي. هاڻو مان ۽ پنهنجي قوم جو هڪ جزو آهيان. مان ٽرسندس پنهنجي قوم جي اهڙي انسان لاءِ جو ڪلي ڪلي موڪلاڻ لاءِ نہ ٻـڌو جيون ٻر ساٿ ڏيڻ لاءِ تيار هوندو. واڌا.“

books.sindhsalamat.com www.sundriuttam.com

# جيئڻ جي تمنا

سچ ۾ منهنجي جيوت جو جهاز ڪڏهوڪو ٽٽي چڪو هو. پر وچ سمنڊ ۾ لڙهندڙ انسان کي ڪوئي ڪٺو هٿ چڙهي وڃي ته جيئڻ جي تمنا منجهس ڪيئن نه ڀرپور زور لڳائي جاڳي اٿندي؟ ليڪن اُن مهل جاڙ جو پراس نه سامهون مانگر مڇ لساٽيو وٺو آهي اُنهيءَ ڪٺي کي نه ڪهڙي حالت ٿيندي انهيءَ ڪٺي سان لپٽيل انسان جي! نيڪ اها حالت آهي اڄ منهنجي. ڪڏهن وقت ائين پيو لڳيم ته هٿن پيرن ۾ وڏاڪ ڏاڍوڙا هٽڻ جي سگهه ئي ڪانه رهي اٿم.

مگر هن پنجٽيهه ورهين جي سمنڊ جوان اُٻرال اُسرال سرار اندر جا جيئڻ جي تمنا ڪونان ڪوٺ پري پيئي آهي اُن کي ڇا ڪريان!

مگر جيوت جي هن آخران گهڙيءَ ۾ به ماضيءَ جا ورق اٿين پيا اکين اڳيان ڏهرائجن جن اُنهن جي مون سان ڏاڍي گهري دوستي آهي.

جيوت جو جهاز ٽٽڻ کان اڳ به هوَ ئي منهنجا ساٿي هئا ۽ اڄ به منهنجا ساٿي آهن.

جهاز ٽٽڻ جي واڻار لي ڪل پيئي اچي. جهاز سچو

books.sindhsalamat.com www.sundriuttam.com

ھوني سگھي؟ جڏھن غريبيءَ ۾ جنم ورتم سا تہ پراڻي ٽن ٽڪين ٻيڙي ھئي، جھاز ڪٿي ھو! ھن ٻيڙيءَ ۾ آما ھر سال ھڪ ڀيرو جي واڍ ڪندي ٽي وئي. ٻيڙي ٽٽي ڏسڻ کان اڳ اما جي ھمت ٽٽي پئي.

بابو ڪم لاءِ ڳھڻي ڏھڻي جو اچي گھر جي نديءَ تي ڪمري اندر اسان ٻنھين ڀائرن جي بالڊر سيما جي وچ ۾ پيلو ھو ۽ "خميس ڪاڻھي، اڄ ڪتاب ڪونھي" جي رڙ ورڙ ٻڌندو ھو تہ ٻن تي پوندو ھو. بس پوءِ آما سان سندس چڪري شروع ٿي ويندي ھئي. ڪانءُ کي لڙ ۾ مزو! اسين ٻار ماءُ پيءُ کي وڙھندو ڏسي ٻار ۾ خوب ٺولشا ٺونشي شروع ڪري ڇڏيندا ھئاسين. ليڪن پراڻي ٻيڙيءَ کي جڏھن جڏھن لھرڪو ايندو ھو تڏھن تڏھن اسين ٻار کي مضبوطيءَ سان جھلڻ جي ڪوشش ڪندا ھئاسين. وڙھڻ ۾ وڌيڪ ھوشيار ٿيندا ھئاسين.

ھڪ ڏينھن ٻيڙيءَ مان ٻسار گھٽائڻ جي قطب نما جي سئي منھنجي اکين ۾ نديءَ پار طرف ڦري وئي. ڪنھن شاھوڪار بي اولاد عورت کيس ھڪ سونهي زنجير ۽ چڙھن سڻن رپين ۾ خريد ڪرڻ چاھيو. آڌي رات جو آما جو روڄ منھنجي ڪن تي پيو. ماڻ اکيون ٻوٽي ڪن ڪڙا ڪري ھن لڙھين طوفان جي گذري وڃڻ جي راھ تڪڻ لڳس.

books.sindhsalamat.com www.sundriuttam.com

اَما سنڌڪا ٻري ڇڏي رهي هئي: مان پٽ جهڙي
شيءِ ڪيئن ڪڍي ڏيندس. ڇوان ٿي پٽ ڏاڍي
وڏي وقت اٿيئي ۽ نه دايا ڇو پٽ پٽ ڪري مري ها.
ٻالي ٻولي اَما اهو ڪيئن سمجهي سگهي. هن غريب
شاهوڪار سرشتي جا نيم هر انسان سان ساڳيءَ طرح
لاڳو نه ٿيندا آهن. غريب وٽ جونسر جي ماني مٺي
لڳندي آهي. شاهوڪار وٽ اُن جو مينداج ليکي ۾ نه
هوندو آهي. ٻابي ته اُن سڀ کي خوب چالو ٿي لڏهن
۽ چيائين: بس ڪر ٻُڍليءَ، آڌي رات جو ننڊ کٽي
ڦٽائي اٿيئي. پٽ پٽ پٽ. پٽ تنهن ڪٽيون ٻاٻيون
۽ پيئون چٽيون.
ليڪن هيءَ نادان دل جا غريب ڇا هي شاهوڪار
جي چاليءَ ۾ هڪ ٿي جذبي وهندي هوندي آهي، اُن
جي ٻار سان ڪهڙو ٻڌي.
اَما اَلي پٽ کي گود ۾ کڻي اوچنگارون ڏيڻ شروع
ڪري ڇڏيون. سهڻجي وڏي پيڻ ۽ وڏو پاءُ به اُٿي
ويٺا. ڪيڏيءَ وڏيءَ دل سان هڏن لڙاڪو سپاهي ٻٽجي
اَما جي ممتا کي اچاءِ ڏيڻ جو آئت ڏنو.
ان لاءِ سبب اچا ٿائين ۽ مان نه ڳولي سگهي آهيان.
ٻڌي چيس، بس ڪر اَما! صبح جو اچي ته سهڻن اُها
رلشمي ٻڙي واري ڏندر، نه ڪيئن ٿا در ٻاهران ٿي
نو آئندميشن جو ٻور ٻ ڏيکاريو لس.

books.sindhsalamat.com www.sundriuttam.com

سکيو ۽ هوءَ پرلوڪ پڌارجي وئي. هاڻ ته هن ٻنهي جي ٻن گهر ڪي، ضرورت به ڏاڍي هئي. سندس اُساهه ڏکارڻ سبب هڪ هڪ پار گدا مان شاهه ٿي پيو. ڪو لفڙ وڪڻي پئسا ڪمائڻ لڳو ته ڪنهن گهٽيءَ ۾ ٻارن کان ٽال اُگاڙڻ شروع ڪيو. وڏن ٻارن ڇوڪرا پاڙهي ٺلا فارن جا مال وڪڻي اسان جي گهر مان بک کي ڀڄائڻ جي سخت ڪوشش ورتي، ڪمائي وڌڻ لڳي. سهڻا ڪپڙا پائڻ لڳاسين پر سچ ته اڃا به "هڙ ۾ هرڙ ون، گوڏ ۾ پتاشا" هئا. پئسي وڌڻ سان گڏ شڪ شبها به ڪجهڻا آيا. اسين هر وقت هڪ ٻئي وٽ اڪل پئسي هجڻ جو شڪ آڻڻ لڳاسين. اندڙو گهر ۽ ١١ ٻالي. جيڪي آيو ٿي سو سواها ٿي ٿي ويو. گهرجن جي اڳيءَ مٿان هيءُ گهر شيطان جي ڏڪڙي جيان وجهندو ٿي رهيو. ٻاٻي جا هڏ سوڪل ٿي ڪمائڻ کان جواب ڏئي بيٺا. ان سان گڏ سندس ڏيا ميا کي به جواب ملي ويو. اٿري قدر جو هن شيطان جي وجهندڙ ڏڪڙي اندر جڏهن ٻارن ٻيڙن جي ولڙهه هلندي هئي لڏهن مٿن ڪم فهم اڪرن جي اوچار ٿي شروع وڻندي هئي: "ٻيدا هيڏ و هلت پيدا ڪيو الله ئي لڳ هاڻي پالڻ جي به ذميواري ڪڻ ته!"

واقف کان ٻولر تيل سرڻ ٻارن جون ٻي عزيون سڀي پتنيءَ جي پنيان راهه رهائي وٺي رمندو رهيو. هاڻي مان

۽ سوڀل ٿي اسڪول کي سلام ڪري اچي گھر ويٺس.
وڏي ڀيڻ جو جواليءَ ۾ ٿي گھر لڙ جي سک کان وانجھجي
ويئي، سو سندس مغز جون رڳون بلڪل ٿــي ٻاليون
ٿي ويئون هيون. غصي ۾ ايندي هئي ته ڪلاڪن
جا ڪلاڪ ويٺي سڏهي سان چپ پوندي هئي. هر
ڪنهن کي ڪيئن سمجھائي سگھجي ته هن حالت جو
ڪارڻ صرف اسانجي گھر جي ٻارن ۾ لڳل غريبيءَ
جو ڪمزور نئي هو.

ٻائر ورڻ ۾ پنهنجي ٻاهين لــري پيا. اسڪول
ڪاليج پڙهي ماڻهن سان گسجي پسجي ڪجهه ڪجهه
ماڻهپي ۾ اچي ويا پر اسين ٻئي ڀينر پنهنجي ئي حسرتن
۾ سوچيندي بلڪل چيڙاڪ طبيعت ٿي ويئو سين.

او چتو هڪ ڏينهن وڏو ٻاڻـر لؤ مڙراج ڪري آيو.
ماڻهو لڻين ڪنوار لاءِ سڪائون ٻاسيندا آهن، پر اسان
هن سوڙهيءَ سوڙ هيڻان هڪ جيو وڏيڪ آيل ڏنو
ته نپ ٿي نري ويا. ولٽر چرڪري پنهنجي آئيندي
جي سور لاءِ ڏٽي ليٽي ته ڪين ڪٽي آئي هئي ته
اسان ڀيڻن خاص ڪري مون کي ته ڏاڍو غصو لڳو.
جيڪي ڪجهه آڻي ها اهو شايد منهنجي اڪلاڻ جي ڪم
اچي ها. ليڪن اهين نه ڪندڙ ٻاهه ته جنسي اکين جو
رت ٿي پيو، اُلاجي چو مون کي ائين محسوس ٿيڻ

books.sindhsalamat.com www.sundriuttam.com

لڳو ته هن منهنجو حق هڙپ ڪري ٻاڻ کي سگهي
ڪيو. ٻنهي کي ڏهمندو ڪائيندو ڏسندي هئس، ته دل
جي اَلاجي ڪهڙي تهن مان الاجي ڪهڙي اُٻرو ٿَنا
جي ڀاونا منهنجي تن بدن ۾ پکڙجي ويندي هئي.

گهر ۾ ٻه ڪمپون نهي وڌون هيون. هڪ ۾ مان
۽ وڏي ڀيڻ، ٻئي ۾ ڀاڄائر سوڊو گهر جو سڄو هلت
هو. جيئڻ ڪٺي هو. ڀيڻ هڪ سهارو هئي. ٻر ٻر ماءِ
جي وسڪار جا هن ننڍين چوڪريءَ گهر ۾ آندي هئي
اُن کان ڀيڻ کي سخت نفرت هئي. چوندا آهن جيڪي
ڪجهه نه پائي سگهبو آهي، اُن لاءِ سڪ ٿيندي آهي.
ٻر اُهو ته هڪ عجيب سچ آهي ته جيڪي ڪجهه نه
پائي سگهبو آهي، اُهو ٻين کي پائيندو ڏسي اُن لاءِ
نفرت جاڳي ويندي آهي. ڀيڻ راتو ڏينهن هر ڳالهه
۾ ڀاڀيءَ جو وروڌ ڪرڻ جو ڀانت ڍونڍائڻ لڳيم.

اڄ سوچيان ٿي ته ڀاڀيءَ سان وير رکڻ لاءِ ڇا هڪ
اهوئي سبب هو؟ نه، شايد ٻيو به هڪ سبب هو.
هن جي مالڪي کسجي وئي هئي. "گرهستيءَ جي
مالڪي حاصل ٿيندي آهي شيوا ڀيار ۽ ٻنهنجائيءَ
ڏيڻ سان." اهي لفظ ته ڀاڀيءَ منهنجي موڪلائيءَ
وقت چيا هئا. نه نه اسان جي گهر ۾ ڀاونائن جي ڏي
وٺ وارا سودا ڪرڻي سوچي به نه سگهيو هو. ڪڏهن

books.sindhsalamat.com www.sundriuttam.com

کي ڪل ئي ڪين هئي ته اسانجي هن شيطاني رڇهندڙ دٻڪڙي اندر به ڪي اهڙيون ڪلون رکيل آهن جن کي دٻائڻ سان لوان لوان سپاهه ٻڌا ٿي سگهن ٿا، ليون ليون نعمتون ملي سگهن ٿيون. گهٽ ۾ گهٽ وڏي پيءُ کي ته انهن ڳالهين جي ڄاڻ بلڪل ڪين هئي؛ مون جو هميشه سندس ئي نقش قدم تي هلڻ جي ڪوشش پئي ڪئي ته مان به انهن ڪان کان ڪافي حد تائين بي خبر رهي هئس.

هڪ ڏينهن بابيءَ وٽان مون کي مڱڻ جي رٿ آئي. ڇوڪرو غريب گهر جو پر ڪمائيندڙ هو. اسين ٻئي وشواس نه پئي ڪري سگهياسين ته بابي ڪڏهن اسان جي چڱائي ڪري سگهي ٿي. اسان ڪاسم ڪلا ڪيس چئي ڏنو ته نڙان مان ڪڪ آهين ان ڪري اُن کي ڪنهن ڪٽل گهر ۾ اُڇلي ٻاڻ هن گهر ۾ موجون ڪرڻ ٿي چاهين. هوءَ سراپجي وئي پر چيم جو ٻئي جي دل سان اسان جي ڀلائي لئي ڪهڙي ولدن وهندي سو ته اسين سمجهون ٿي ڪين هيوسين؛ سو به بابيءَ جي دل کي ڏسون، جنهن کي اسان نس نس سان ڌڪاريو ٿي!

ڪنهن طرح وڏيءَ پيءُ جي اصيب ۾ ٿي مون کي مڱڻ جي وڏي ۾ وڏي سوبيلڪيل هئي. مون کي

books.sindhsalamat.com www.sundriuttam.com

جنهن وقت ٻڍاڻائين لاءِ ڇوڪرو اڪيلو ٿي پيو، ان جي
وڏيءَ پرڳڻي جو مالڪ آهي، نوڪر چاڪر ڍير ٿي
اٿس، ڪاهه مٿس ڏيارائي مون سان ملڪيت ۾ حصيدار
ٿيڻ واري ڪانهي، تنهن مون اُتي پيڻ کي هڪ
شاهي پاڪر پالو. زندگيءَ ۾ پهريون ٿي پيرو پنهنجي
پيار جي جذبي جو اظهار ڪيم. هڪڙي نفرت ڀري
نگاهه پاپيءَ تي اُڇليم. دل ۾ چيم ته هاڻي ڏسي
وٺندين ته ڪيئن ٿي مون سان پرڻجي؟ هوءَ نه
پٺي ڪلپي ۽ وڃي. شاديءَ ۾ منهنجي پُٽيءَ کي ڏسڻ
سان اکين ۾ آنسون ڀرجي آيس. موڪلائڻ مهل به پاڪر
پاڻي روئي پيئي. منهنجو پُٽيءَ پکيءَ عمر جو هو.
هوءَ اُن سبب ڏاڍو دکي ٿي هئي. سندس اهو هر
هر مترلا جو وڌاهل همٿ ڏسي مان هارائي ويٺيس.

نٿين گهر ۾ اچي رنگ ٿي اور ڏنم. پلڄي ويس
ته مان ڪوڪڏهن اهيءَ رجهند ۾ ڍڳڙي مان نڪري
آئي هئس جنهن ۾ غرڪي، ڪڪ ۽ اڪي لچڪائيءَ سبب
فقط وسو سارو ۽ جاڪو پڇڪو ٿي رهندو هو. وڏي
وڏي گهر ۾ وڏن وڏن ديوارن اندر اچي دل ٿي
وڏي ٿي پيئي. سچ ٿي چوان شاديءَ کان پوءِ کي
ڏينهن ته جيسي ڪنهن ميري گوراڻو ۾ چڙهي دنيا
جي مٿاڇري جي ساري سندرتا کي اکين جي پلڪن
سان ڇهندي ٿي رهيس. مگر اوچتو ميري گوراڻو

books.sindhsalamat.com www.sundriuttam.com

ٻهڄي ولڙ، ٻيا چوان ٻيڙار ٻڙ ولڙ. وڏي گهر جون ڦڦيون، چاچيون، ماسيون اَلاجي ڪير ڪير مون کي وراڻي ويٺيون. پيڪن ۾ ته پاڻ پيڻ کي ٻيو ڪڏهن ٻنهنجي خودي جي گهيري ۾ دخل ڏيندو ڪين ڏٺو هوم پر هتي ته اَلاجي ڪهڙا ڏورالهان سڳا به ميڙاڪو ناهي هر ڳالهه ۾ دخل ڏيڻ لاءِ مڙي آيا هئا. ڇڙي: ٻنهن ڏيءَ ڪهڙي جا سنهو نه پيهي. ڏرن ڏيڙڪن لاءِ من ۾ ٻلي ڪپ ڪاليون هجن، پر ماڻهو ٻاهران ته وڏيءَ همت واري جي ٻئي رکي. ڇوڪري، مڙس جو هيڏي ڏن وارو ملڻ اٿيئي ته ان جي ٻه ٻهان ٻيهان نه ڪندا آن؟ ته پڇنده ڏور وڃي؟

ڪڏهن هنن سيٺي شاهوڪار اِسترين جي وچ مان ڏاري هئس؟ ڇو جو غريبن جي ڌيءَ هئس. پيڪن ۾ ته مان فقط ٻڌو پيهڻ ۽ ٻڌو ڪاڻڻ ٿي سکي هئس. سنهو پيهڻ، چاهي ڪنهن جي پرپٺ گلا ۽ منهن تي چٽ چٽ ڪرڻ، هي شاهوڪاري سماج جا نيم ته مون کي ڪوشش ڪندي به نه پئي آيا. پر پتيءَ جو پالڻ هيڪڙي اهو سڀ سهي ٿي رهڻو هو. جانم ٿي ته ته سيٺي جي نظر ۾ ڪريل هئس. جر چڙ مسخري نڙو نڪاڻ جو نئي آئي ته هنن جي صحبت ۾ اُڪري اُڪري پئي لڳيس. پتيءَ کي سمجهائيندي هئس ته سادي سودي آهيان پر ڪنهن کي منو ته ڪين ٿي گهران.

books.sindhsalamat.com www.sundriuttam.com

اُن جي هنڌي جا ٻيچ ٿي هئي سو سوچي چڪو هام
تہ هُن مٽن مائٽن سان گهٽي آوت جاوت رکندي ٻس ٿي
ڪين، ٻس هڪڙي پٽيءَ جا اُسي پنر ڪٽي پڪڙ آهم.
سڄي ساگر جي سطح تي ٽلڪندي اُڙ هندي فقط اُنهيءَ
هڪ ٿي لفظ تي ڪٽي جيءَ سان لاڙو هوم ... مگر
اڄ ڇا ڪريان؟ ڏاڪٽر چوي ٿو، پٽيءَ جي ڪپڙيءَ
۾ ٻس ڪٽا ٿي اُترا هُئا ....

اڙي جيوت جا راڪاس، ٻڌاءِ مان ڪيڏانهن وڃان،
ڪهڙي جهان ۾ وڃي رهان؟ پٽيءَ جي جهڙي تي
جن عزازن مون کي غريب گهر جي ڇوڪري سمجهي
ٿُپ ٿي منهنجي اي عزتي ٿي ڪئي، سي اڄ ڇا
ڇا نہ ڪندا .... مڙس جي پٺيءَ تہ ڇپر، ڪيڏو هن
ڪٽنب جي ڏيءَ کي ٻاهر. منهنجي پاءُ کي ٿي اِن سالن
۾ گهڻي ورتي. هن شاهوڪار جهان جا ماڻهو تہ غريب
جهان کان بہ وڌيڪ گهرجن جا غلام آهن. پئي جي هر
سڪي کي هڙپ ڪرڻ لاءِ هٿي مات ميٽ ۾ خوب
گهاٽ گهڙيا آهن. ٻاهرئين صلح سالت جي سطح هيٺان
خود غرضيءَ ۽ واڙه جهيڙ جا خوب اونهان کن لڳا پيا
آهن هيت. مون کي تہ لڳي ٿو تہ هتي پنهنجو حق
وٺڻ لاءِ اڳئين جهان کان بہ وڌيڪ زور لڳائڻو پوندو.
مان تہ سمجهان پيئي هن پاتالي پاڻيءَ واري ساگر مان
ٽڙڻ جي جاءِ ٿي ڪين اٿم.

books.sindhsalamat.com www.sundriuttam.com

ڏنهن ڇا موت جي راڪاس اڳيان سڀ هٿيار اڇلي
ڦٽا ڪري ڇڏيان ۽ جيئڻ جي اميد کي ڪيڏي ڇڏيان؟
نه نه. ماضيءَ جا ورق ورائيندي ڀانئين ٿو ته اڃون ڀل
اڃي وڃو آهي. هن جيون مرڻ جي ڪروڪيتر ۾ وري
چڪري ڪانٽي پوندي. جهاز ٽٽي پيو ۽ لڏندو ڇڏائجي
وڃو، نه ڇا ٿيو؟ پوءِ به جيئڻو آهي مون کي! مان
ڪين مرندس. پنهنجي ڀاڳين ٽرندس ... ***

# ذهنون جا ناتا

لفافي جي مٿان ته منهنجي ائڊريس هئي پر پٺيان؟....
ڀتيءَ جي هزارين ٽارن گڏجي هڪ شاڪ هنيو دل اندر! ڪرسيءَ جي پٺ سان پٺي لڳائي ڇڏيم. ڪجهه دير بند لفافي مٿان، نهاريم، هڪ بلڪل نئي ڏاري ليلم هلندي چلندي رهي.... ڀيڻيءَ ۾ ڪپڙا ناهڻ لاءِ، ڪلم لي ولٺي هئي. ڀيڻي بند لسي پٽي ٺي سکهيس. هوءَ زوريءَ ڪپڙا ڏياري آها بند ڪري رهي هئي. ڪمري جي وچ ۾ ليٽي ٿي ماڻ ڪنهن ڪجهه چئي ته سکهيو هوس. هاڻ همت ڪٺي ڪري چيم، ”نٿي بند ٿيئي، ته زوريءَ ڇو ٿي بند ڪرائين؟ اسان کي ڪپڙا ڪيڏي وٽ ته!“

ليلم جو هڪ همت ڀيڻيءَ مٿان، ٻيو همت زمين ٿي هو. وڏيون ڪليل اکيون مون طرف ڪري، هوءَ ڪن لاءِ درانلڪ پوز ۾ ڏسندي رهي.

ليلم کي ڪجهه به چوڻ جي اهائي گهڙي هئي ا پر سندس اکين ۾ اهترا سوال پڙهڻ نظر پئي آيا جو مونکي جيڪي ڪجهه چوڻو هو سو سڀ وسري ٿي ويو.
اڃان ڏٺي هوءَ ڀيڻيءَ مٿان چڙهي ويٺي ؟ ٽپٽي

books.sindhsalamat.com www.sundriuttam.com

بند ٿي ويئي. هن اٿي ٻيڪڙن سان منهن اگهيو.
اُنهن ۾ سندس منهن لئي موڪلي پگهر جو هڪ ڦڙو به
نظر نه پئي آيو، پوءِ به هن منهن اگهيو. موڪلي ياد
آهي سندس اها شڪل - گلابي سندرتا، چهري جو
معصوم اپنائپ ۽ تازگي... مون اکيون هيٺ ڪري
غاليچي جي گلن ۾ نهارڻ پسند ڪيو ۽ هوءَ ٻيگ کڻي
ٻاهر هلي ويئي.

"ٽئڪسي - ٽئڪسي" ٻاهران، ٻري کان آواز آيو.
سڄو ڄڻ اوچتو ڦڙڪي اٿي ويٺي ۽ ٻاهر نڪري پڪاريم -
"نيلوءَ!" اوچتو منهنجي اکيان هڪ آئي پٽ ڪڙي
ٿي ويئي. ٻابي جو ماڻهري جي سڪيا ورتل قداور
سونهارا!.... نظر جو دائرو ننڍو ٿي ويو. "هن گهر ۾ هن
عورت لاءِ ڪابه جاءِ ڪانهي!". ٻابي جو حڪم لڪتو.
منهنجي وات مان اکر ڪوله اُڪليو، اندر هليو آيس.

اڄ سالن کان نيلوءَ جو خط آيو آهي. هيءُ گهر،
جنهن ۾ نوڪر چاڪر ۽ الاهي مڙمان، ڪتا ٻلا، ٻلبلون -
طوطا، ڇا ناهي ڪيڏو عالم پلجي رهيو آهي، اُن
سڀان لاءِ جڳهه ڪانه هئي!...

خط ۾ هو، پنهنجي پيءُ جو داستان هو:

منهنجي ٻارڙن جا ڏاڏي،

طلاق نامو هٿ ۾ ملڻ کانپوءِ موڪلي خط لکڻ جو
نه اڌڪار رهيو آهي، نه رڃي. پوءِ به خط لکڻ ويٺي

books.sindhsalamat.com www.sundriuttam.com

آهيان. خبر ناهي ڪهڙي اها پراڻا آهي - شايد منهنجي نوڪريءَ جي دوران (مونکي سوشل ورڪر طور "پيوُلي پروپيلر مل" ۾ نوڪري مليل آهي، اڳئين خبر پئجي چڪي هوندي توهان کي) جيڪي آزمودا مليا آهن تن مان، منهنجي جيون جي ڀڃڻ ٽڙڻ جا ڪجهه ڪارڻ معلوم ڪري ورتا اٿم، اهي ئي توهانکي ٻڌائڻ ٿي چاهيان.

ڪهڙي نه عجيب ڳالهه! هيءَ نوڪري اهڙي آهي جنهن ۾ مونکي هن مل جي مزدورن ۽ مزورياڻين جا جهڳڙا سلجهائڻا آهن، ڪين سڀني عادتون سيکارڻيون آهن، سندن پيگل رشتا ڳاهڻ جو ڪتن ڪرڻو آهي - آهي نه انڌي جو انڌن کي رستو ڏيکارڻ وارو ڪم!

مگر انڌن کي راهه ڏيکاريندي، روشني منهنجين اکين ۾ لهي آئي آهي!

توهان جي گهر ۾ شادي ڪري اچڻ سان ٿي مونکي محسوس ٿيو هو ته، منهنجي پيڪي گهر ۽ توهان جي گهر ۾ تمام گهڻو تفاوت آهي. پئسي، پڙهائي، سندرتا ۽ سماجڪ درجي ۾ نه پر گهر بلڪل هڪ جهڙا هئا، بلڪ ڪلا - وڪاس ۾ به، توهان جي گهر ۾ جيڪا ڳالهه وچائڻ جي لحاظ کان ترقي ٿيل هئي، اُنلاءِ گهٽ ۾ گهٽ هڪ جنم ته منهنجي کي به لڳائڻو ٿي پوي جيڪر! ۽ ڪلا - وڪاس منهنجي مائٽن جي گهر ۾ به

books.sindhsalamat.com www.sundriuttam.com

آهي! هيءَ نؤجوان ڀتي، پاڻ واه واه جو ساءُ چکڻ
کان پوءِ بس، منهنجي من کي ڇو ڪين ٿو سمجهي!
مولڪي هر وقت اسٽيج کان روڪيو ڇو ٿو وڃي؟ ٽوڪيو
ڇو ٿو وڃي؟

هڪ ڀيري ساهس ڪري، من جو مونجهارو توهان
اڳيان به رکيم. ليڪن توهانجون نظرون مونکي جواب
ڏيڻ مهل ور ور ڪري باباجن جي ڪمري طرف کڄي
ٿي ويئون. توهانجو جواب مونکي بلڪل ياد آهي.
توهان چيو هو: هن ديس ۾ عورت ۽ مرد جو پنهنجو
پنهنجو درجو آهي. تون ڪلاڪار آهين، ڀلي هجين.
آرسيءَ اڳيان نچي ٽپي پنهنجو من بهلاءِ، پر تنهنجو
سڪولن ۾ وڃي ٻارن کي ناچ سيکارڻ يا خود اسٽيج
تي اچڻ، باباجن کي بلڪل ئي پسند ناهي...

باباجن نه باباجن آهن، ليڪن توهان؟؟.... ان وقت
استري پرش جي هڪجهڙائيءَ واري ڳالهين ناٿي جو
ڪوبه آدر نه ڪري؟ توهان چيو هو: تون هند کان
وڌيڪ ٿي ڳالهائين هن گهر ۾. بابا جو حڪم نه مڃڻ،
معنيٰ گهر کان ٻاهر هجڻ - سمجهيئه؟"

اُن رات مون ديباه جيترو رنو هوندو ليڪن سڀ
بيسود! صبح جو مان ننڊ مان ئي نه اٿيس. توهان
ڊاڪٽر گهرايو هو. سندس دوائن سان مان سجاڳ ٿيس.
ڪجهه ڏينهن بعد ڊاڪٽر چيو هو: هنڌي سندر، شاهي

books.sindhsalamat.com www.sundriuttam.com

ڏسو تہ اھڙو ڪن بيڪار انسان ٿي.

من ۾ چيم، پتي ڏيو! اٿي پنهنجو آستان سنڀال- پنهنجي پتنيءَ کي ٻانهن وراڻي چيئہ: راڻي، پنهنجي مــن اندر ڪوبہ ڏک هجي، مونکي ٻڌاءِ. مگر پُرش جي فرض سنڀاليندي، پتنيءَ جي فرض وساري ڇڏڻ واري کي ڪير اهو سڀ ياد ڪرائي!

مون اُن وقت فقط ايترو چيو هو تہ هي گهر تہ سچو ڏينهن مهمان سراءِ بڻيو ٿو رهي! اُن ۾ هڪ مهمان وڌيڪ اچڻ سان ڪهڙو ٿو فرق پوي؟ توهان ڏمال ڪندي ورائيو هوم: اهو فرق تون نہ سمجهاءِ مونکي- مان خوب ٿو ڄاڻان!

۽ ٻئي ڏينهن ٿي، خود باباجن اچي چيو: ”ڊاڪٽر جو هٿي رهل چيل اچڻ، مونکي پسند ڪونهي. جي ڪيس اچڻ ڪان منع نہ ڪئي اٿيئي، تہ ٻڌي ڇڏ- تو لاءِ بہ هن گهر ۾ جاءِ ڪانهي!“

مولڪان هيءَ ٻي عزلي، هي ملتريءَ جــو آرڊر برداشت نہ ٿي سگهيو. نہ تہ ڊاڪٽر ڪا مون لاءِ ايڏي اَهميت نہ رکي ٿي ڪانہ ٿي، جڏهن ڪالسواءِ مان رهي نہ سگهان ها! آخر شادي ڪيل عورت، ٻن ٻارن جي ماءُ هوندي ڪانپوءِ بہ، توهان جي گهر ۾ عزت جي لائق ناهي تہ اُنجو گهر ۾ رهڻ ٿي ڪهڙي اهميت ٿو رکي؟

۽ مان، توهانجو پتني پڻو پلو مان ڇوڙي، توهانجي

books.sindhsalamat.com www.sundriuttam.com

دل جي سختيءَ پرلي طاق مٿان رکي آهستي.

هڪ دفعو وري ٻه، ڪن ڏچ وارن موٽڪي لوهان وٽ واپس اچڻ لاءِ چيو هو. ليڪن مون جواب ڏنو هو: "اگر ٻئي ڏاڍو خود اچي ڪوٺي وڃي، ته به نه وينديس." لوهان وٽان جواب آيو - "جيئن پاڻيهي لڪري وئي آهي، تيئن پاڻيهي اچي!"... ڪيڏي نه انڌولي آهي! ڇا واقعي مان پاڻيهي لڪري وئي هئس؟

۽ سيتا ماتا جي پرمپرا نباهيندي، مون مري وڃڻ قبول ڪيو، پر لوهان وٽ موٽڻ، اڳي ڪان وڌيڪ بي عزتو ٿيڻ ڪان، انڪار ڪيو.

ڪاش! هڪ ڀيرو رام جو جنم ٿئي هن ديس ۾ ۽ ٻيک وجهي مٿي ڪٺي وڃي سيتا ماتا کي، ڏکن جي اڪيلي ٻن منجهان! شڪتيوان بدن اندر، مهڻ جهڙو من! سيتا کي ڪڙو ڪري چوي: "هل منهنجي جيون ساٿڻ - لوڪان سواءِ منهنجو ڪوئي ٻيو. سڀ کان ڪرلهي، ڪالي پرمپرا پورڻ ٿئي لڳي! اٿ مٿي هل مونسان!"
نيلاوَ.

مون خط پڙهي بند ڪيو آهي. پر خط مان وڌائل همٿ منهنجي اڳيان پيو ڦري.: سمجهان ٿو، طلاق نامو وٺڻ ڪانپوءِ به منهنجو آئي وڃڻ ۽ پنهنجن ٻارن جي ماءُ کي "مومل مٺي" سڏي وٺي اچڻ منهنجي گهر جي پالڻ کي اصل ڪين وٽندو. ليڪن هيڏو وقت

books.sindhsalamat.com www.sundriuttam.com

جيڪو اڪيلو رهي، پنهنجن ماڻهن جي هيڏيءَ اسٽيءَ وچ ۾، پاڻ کي قياس پرائن نظرن جو نشانو ٿيندو ڏٺو اٿس، سو ڇا مونکي وڻندو رهيو آهي؟ هيترن زالن مردن جون همدردي ۽ قياس سببان وڌايل ٻـ ٻـ آڱرين، منهنجي استريءَ جي وڌايل هٿ جي پٺ تي ڪجهه ڪيئهن. ڪتاب ٻرگوار جي لکيتي اکر اسانجي نئين زماني جي جوانن ۽ جوالڙين لاءِ ڦاسيءَ جي رسي ٻڌجي پوندي ٿـ، مان انکي ٽوڙي ٻاهر نڪري ويندس.

ليڪن تو منهنجي هٿ ۾ لفافو ڏاهي، هڪ دوست جو ليڪن جي ناڻي جو اڳيان وڌايل هٿ آهي.


سنڌي ٻوليءَ جي برک ليکڪا سندري اتمچنداڻي
جي امر ڪهاڻين جي ڪتاب ڇپائيندڙ اداره
سنگم پبليڪيشنس کي واڌايون -

اعجاز
حسين اي انصاري

مئنيجر حبيب بئنڪ لميٽيڊ

سنڌ يونيورسٽي برانچ حيدرآباد سنڌ




# ساٿي

گهڻي مشڪلات سان ڪانپور ۾ هڪ اسڪول ۾ نوڪري ملي وئي. فضا ۾ گيت گونجڻ لڳا. شايد هونءَ به گيت گونجندا هئا پر منهنجو من نوڪريءَ جي چنتا ۾ چُور، زندگيءَ جي مٺاس کان ڪجهه وقت لاءِ منڪر ٿي ويو هو. اڄ وري به پهاڙن تان لهندڙ ڌارا کي رڪاوٽ دور ٿيڻ تي اچي ڳائي ڳائي، هيٺ لهڻ جو موقعو مليو هو.

مان صبح جو ڪلف لڳل ساڙهيءَ جو پلئه هوا ۾ لهرائيندي، اسڪول جي عمارت جا وڏا وڏا ڏاڪا چڙهندي، پرارٿنا ۾ اچي حاضر ٿيس. سڄي اسڪول جا ماستر ماسترياڻيون شاگردن جي قطار اڳيان صداقت سان بيٺا هئا. منهنجو من ته اڄ هڪ نئين مهالدي کي عجائب گهر جي چيزن وانگر چتائي ڏسڻ ۾ مشغول هو. نظر ڦرندي ڦرندي هڪ قداور ماستر تي اٽڪي بيهي رهي. منهنجي دل ۾ هن لاءِ هڪ تشبيهه اڀري وئي، ”وڏي ٽڙ وارو وڻ.“ هو پرارٿنا مهل پهريان ڪجهه وقت اکيون بند ڪيو بيٺو هو، پر ٿوري دير ڪانپوءِ اکيون کولي ٽڪ ٽڪ ڏسندو رهيو. خبر

books.sindhsalamat.com www.sundriuttam.com

رسيس مهل ٻه قدم وڌي ڪمرس واڌايون ڏنيون. چيم، "ٻاڪُن واري آهين، جو هڙ وٺي ۽ تنهنجو بابا آهي." هوءَ کلي کلي وڃي ٻيٽي ٿيندي؛ چيائين، "وڃ، بابا ته تنهنجو هوندو، سڀڪي ڄڳ جو هوندو، مان ته ڪيس 'ٻائو' چوندي آهيان."

مان البت ڦڪي ٿي ويس، ليڪن هار مڃڻ واري ڪين هيس؛ کلي چيم، "هيڙي ماڻهوءَ کي مان بابا ته ڇا، ٻر پنهنجو ساٿي سڏڻ ۾ به عار ڪريان."

"ساٿي" اکر ٻيون سڀ ماسترياڻيون وري کلڻ لڳيون. ٻڙ اوچتو ئي اوچتو سڀ ماٺ ٿي ويئون. منهنجي بلڪل ويجهو ئي بابا ماستر بيٺو هو. هو چئي رهيو هو، "سچ ڪڪي! اسين ٻئي اڄ کان وٺي هڪ ٻئي جا ساٿي آهيون." ۽ هڪ ڪرسي سوري ويهي رهيو.

چانهه اچي ويئي هئي. مون چانهه جو هڪ ڪوپ، ٿري مان کڻي ساٿيءَ جي اڳيان وڌائي چيو، "ڪامريڊ" ۽ ائين محسوس ڪيم ڄڻ "ساٿي" اکر جيڪا سهڻي ماسترياڻين جي منهن تي ڪمان ڪشي چڙهي هئي، ان جو ڌاڳو "ڪامريڊ" اکر سان هڪ ٽڙڪندڙ آواز ڪري ٽٽي پيو ۽ ڪمان هڪدم سڌي ٿي ويئي.

ٻئي ڏينهن ساڳي رسيس جي مهل هئي. هڪ ماسترياڻيءَ مونسان بحث ٻڌي ڪيو ته انگريزي ۾ اهڙا ته گهڻا اکر موجود آهن، جو ماڻهو اُن ٻوليءَ ۾ پنهنجا

خيال بلڪل آسانيءَ ۽ نزاڪت سان ظاهر ڪري سگھيٿو.
"سنڌي ٻوليءَ ۾ به پنهنجا خيال نزاڪت سان ظاهر ڪري سگھجن ٿا!" سائيءَ بلڪل نهر سان منهنجي بنيان ڇٽي ڏنو. الاجي ڪيتري دير کان هو اتي موجود هو. مان ذرا ڇرڪي ويس. ٻاهر سنڀالي ڪرسيءَ تان اُٿي سائيءَ کي وٺڻ لاءِ آءٌ ڪيم ۽ هو بنا مهرباني مڃڻ جي ويهي رهيو. سوڀي ماستر ٽائين کي مخاطب ٿي پنهنجو پاسو پيش ڪندي، هو چوڻ لڳو، "شاهه پنهنجي رسالي ۾ عورت کي گهٽ ۾ وڏن لالن سان سڏيو آهي، اُن لاءِ هن ڪيترن اکر ڪتب آندا آهن. سنڌي ٻوليءَ جو پورو پورو گيان هجيو ته ڏسو سنڌيءَ ۾ پنهنجا خيال سهڻي نموني ظاهر ڪري سگهو ٿيون يا نه. باقي اِهين چوڻ ته سنڌيءَ ۾ اکر ٿي ڪونهن سا ته وڏي اُرهه زوراوري آهي."

پيو ڪير شاهد هيءُ اگر چوي ها ته مونکي پورو وشواس ٿي نه اچي ها. مگر سائي انسان ٿي اهڙو هو جنهن کي ڏسندي ٿي مان وسهي وڃي هئس ته هي ڪو وڏو وڃهار آهي، جنهن کي هيرن لالن جي پوري پرک آهي. منهنجي اَڳڪٿي غلط ڪانه نڪتي. ان ڇٽن ڏينهن ۾ ٿي معلوم ٿي ويم ته سائي هڪ بزرگ ليکڪ آهي. سنڌ ۾ پهلا رهيس نديي شهر ۾ سو مونکي ڪهڙي ڪل نه هيءُ صاحب ڪراچيءَ جي

مشهور معروف هستي آهي.

هڪ ڏينهن سنڌي ساهت سڀا جي ڪاميٽيءَ جي ميٽنگ کان موٽي رهيا هئاسين ته ساٿيءَ منهنجي ڪلهي تي هٿ رکي چيو، "ڪڪي، تو ڪٿي ڳالهه لڪائي رکيو هو؟" مان ڪجهه نه سمجهي سگهيس. ميٽنگ ۾ ته ساٿيءَ جي هڪدم سامهون ٿي ويٺي هيس! ڪن رکي وري چيائين، "تون ناول به لکندي آهين؟" منهنجي دل ۾ آئي مانڊ مچي وئي ته هيءَ ڦڪڙ انسان منهنجي لکڻيءَ تي الاجي ڪهڙي ٽيڪا ڪندو. ليڪن جڏهن ساٿيءَ چيو، "ناول ۾ جنهن ڀڄڪٽي ٻوليءَ چٽڻ ۾ واهي چٽيا اٿيئي، ان لاءِ توکي داد ٿو ڏيان" تڏهن هن درياه دل انسان لاءِ شرڌا کان منهنجو ڪنڌ جهڪي ويو. ساٿيءَ ڪلهي چيو، "تون ترقي پسند ليکڪا آهين؟"

مون ڪنڌ ڌوڻيو، ته چيائين، "شاباس آهي توهان ترقي پسند ليکڪن کي جن سنڌي ساهت ۾ سٺي ڀرمار ڪئي آهي."

مان بعضي ساٿيءَ جي گهر هلي ويندي هيس. هڪ ڏينهن کيس بستري تي ليٽيل ڏٺم. مضبوط سرير هڪ راس ۾ ڄڻ ليل ٿي ويو هو. ساٿيءَ جي ڌيءَ اکين ۾ لڙڪ ڀري مونکي ٻڌي ڪمري ؛ ولسي واٽي. چي، "بابا، ڊاڪٽر کين آرام ڪرڻ لاءِ چٽي ورو آهي.

پر واس ڪالولي الاڃي کهڙا ٻول ٻيو ٻولي.

مون چيو، "ڇا ٿو چوين؟"

ذيءَ ڏجهندي چيو، "چوي ٿو: مان هن ٻيري کٽ تان ڪين اٿي سگهندس، پر مهنجي مرڻ تي اڃا اصل ڪانهي. ٻيا سڀئي عمر ڪيائين سڀ جي ڪمائي، سو بيماري مان ڇٽڻ لاءِ پئسو ڪٿان اچي!"

مان وائڙي ٿي ويس. بابا .... ساٿي .... موت! هڪ هڪ عجيب سناٽو لڳي ويو. جڻ دل جي ڌڪ ڌڪ بيهي ويئي. مان ڌيري ڌيري وڃي ساٿيءَ جي ڪمري ۾ وڃي رهيس. هو جاڳي پيو. مونکي ڏسي ڇيائين، "ايڏي ڙي شاخ اچي وئينءَ؟"

چيم، "لوهانڪي خبر آهي ٻهرئين دفعي لوهانڪي ڏسي مون دل ۾ ڇا چيو هو؟"

"ڇا چيو هوءِ؟"

"مون چيو هو: وڏي ٿڙ وارو وڻ."

"پر جنهن وڻ جي پاڙن کي ڪيڙو لڳل آهي، اهو وڏو ٿڙ رکي ڇا ڪندو؟" ساٿيءَ جي اداس نگاه ساري ڪمري جي ديوار تان ڦرندي ڦرندي دروازي تي بيهجي ويئي. جڻ چئي رهي هجي، "الوداع

books.sindhsalamat.com www.sundriuttam.com

ٽنڊڙي شاخ!"

مان "الوداع" اکر جو تصور ڪري ڏڪي ويس. ساٿيءَ چيو، "سالن کان هيءَ نگري بيماري هلندي اچي، پر هميشه هٿ ٽنگ هو. هاڻي ته بيماري رڳ رڳ کي ورڪوڙي ويئي آهي ...."

مونکي ساٿيءَ جي شاهوڪار دماغ جي لاءِ گهڻي چاھ هئي، سو چيم، "توهانجو هٿ ٽنگ ٺيڪ ٿيو ته ڇا ٿيو، توهين سماج جي ملڪيت آهيو. توهين ڇو بيمار رهو؟"

"هن سماج جي ملڪيت؟ ...." ساٿي کلڻ لڳو. هڪ ٿڪي ٿراس ڪل، جنهن مان ساري زندگيءَ جون نا اُميدون ۽ حسرتون ٽپڪي پيئون. "ڪڪڪي، هن سماج ۾ ته رڳو پئسن کي ئي ملڪيت سڏيو ويندو آهي. انسان کي ملڪيت سمجهڻ ته شايد ٻيءَ ڪنهن قسم جي سماج ئي سيکاريندي!"

اُن رات مونکي ننڊ ئي ڪين آئي. ساٿيءَ جون نا اُميد نگاهون ڏورهان ڏورن، طاقن پٺيان ٿان هلنديون اچيو اکيان بيهن. صبح جو اک لڳي ويئي ته ڏسان هڪ سخت طوفان اچي رهيو آهي ۽ ان ۾ هڪ وڏي ٽڙ وارو، ٽڙ جو وڻ، پاڙن کان ڇڪجي ڇڪجي، زمين کان زوريءَ پنهنجا پلئه ڇڏائي، ڌڙام ڪري پٽ تي ڪري پيو. مان ڪيڪ ڪري جاڳي پيس.

books.sindhsalamat.com www.sundriuttam.com

صبح جو اسڪول ۾ وڃڻ بدر پاڙهڻ تي من لــ
پيو لــڳي. دل جي ٿهن مــان هڪ سڏ پيو اچي،
”ساٿي! ساٿي .... او ساٿي.“ موڪل ڪان اڳ ئي
بابا جي گهر ڏانهن قدم هلي ويا، مگر چائنٽ وٽ
اچي پاري تي پيا ....... بابا جو وڏو وڏو سرڪار پٽ
تي لاٿو ويو هو. سندس مٿان وٽ ڏيئو رکيو ويو هو.
ساهت جو گهوٽ لاوڻ ۾ وڙهيو ويو هو.


مان هڪ ڪنڊ ۾ وڃي رهيس. هڪ ٻڍڙي پيار
ڪندي چئي رهي هئي، ”هاڻ مهنجي لالــڻ ڪٿان
ڏينهن ڪٽڪ چهڙيءَ ۽ هڪڙيءَ ڪتل تي ٻــ گڏر
ڪيو، پر پنهنجي لــوڏ نــ لاٿائين، هاڻ ڦاڻن هڻي
مهنجي لاڏل جون رڳون ٽي لچوڙي ورلهون ...“

مهنجيون اکيون مــان برسات ٿي پيئي. ڪٿين
انسان آيا ڪٿين ويا. شام ٿانئين گلن جا ڍير لــڳي ويا.
مان ڪهڙا پنهنجا چاڙهيان؟ مونکي ائين محسوس ٿيو
چڻ مهنجن هٿن جون آگريون رتو رت ٿي پيئون آهن،
منجهانئن رت جا قــڙا ڳــري لڪسي رهيا هئا:
”ساٿي، جا سماج لوڪي پنهنجي ملڪيت نٿي سمجهي
ان جي لئن مان رت ضرور سڪي ويو آهي. ساٿي،
مان پنهنجي قــلــم سان ألجي رت واهڻ ۾ ٻڙل گند

کي ڪرڙي ڦٽي ڪندا هئس. مان هميشه لکندا هئس، ساري عمر لکندا هئس ....“

**نوٽ:-** هيءَ ڪهاڻي سرڳواسي شري لعلچند امرڏنومل ڄڳتياڻيءَ جي مرتيوءَ (اپريل ۱۹۵۵ع) جي صدمي جي اثر هيٺ لکي هئم. جيتوڻيڪ ساڻس ٻن ٽن ڏهن کان وڌيڪ ملاقاتون نصيب نه ٿيون ٿي، پر سندس شخصيت مون تي ڪافي اثر ڇڏيو، جنهن مان مٿين رچنا جنم ورتو آهي، جا حقيقت ۽ ڪلپنا جا ميلاپ آهي جئن اڪثر ڪهاڻي ٿيندي آهي.

(امڪا)




books.sindhsalamat.com www.sundriuttam.com

# ولائتي گهوٽ جي ڳولا

موهن لال ڀائي جو اُچي لنڊن مان آيو ته منهنجو سڄو گهر ئي جڻ ولائت بڻجي ويو. چمڪندڙ ٻڪون، ٽيپ رڪارڊر، گرائينڊنگ مشين، اَپر هاس، وسڪيءَ جون باٽلون. مٿان جو موهن لال جي ڌيءَ کان هڪ سينٽ جي شيشي ڀڄي پئي ته ٻاڙي وڙهي ۾ اهڙي خوشبوءِ ڦهلجي ڇڏي ته مون وٽ پاڙي جا پڇيندڙ اچي لڳا آهن. اَما وڏيءَ نڪ ۾ ٻاس چڙهي وڃڻ تي چيو، "موهڪي ته اها ولائتي عطرن جي ٻاس وڻي ئي ڪين. موهڪي ته وڻي چندن جي سڳند."

مون سمجهيو ته موهن ۽ ڌيڻس کي اها ڳالهه نه وڻي هوندي؛ سو سندن دل رکڻ لاءِ، ڪي پنهنجي من مان چيم، "اَما وڏي مان ته اڄ لنڊن ۽ پئرس ۾ پيئي اُڏامان، واهه، ڇا ته خوشبوءِ آهي!"

منهنجي پٽ ماڻڪ چيو، "اَما وڏيءَ کي ولائت وڻي ڪانه، انڪري ته نڪ ۾ ٻاس چڙهي نڪ ۾ وڃي ڦاٽڪي اُڏامڻ کان ڊڄائي ورائين ٿا." اسان سڀني کي

books.sindhsalamat.com www.sundriuttam.com

کل اچي وڃي.

اُما وڏيري، موهن لال جي ڌيءَ کي ڏسي ڪري چيو، "اڙي، اوري نه آءُ سلوچنا، ڇهن سالن ۾ وڏي ٿي آئي آهين."

سلوچنا وراڻيو اچي چيو، "ڪرشنا ما! مونکي سليءِ چئو، سلوچنا تمام اولڊ نالو آهي."

اُما وڏيري اُترڻ ۾ گهٻرائجي وڃي چيو، "سليءِ؟" ۽ ماٺ کان ٽهڪ نڪري ويو- "ڪهڙي بيوقوف."

سنگ. ته موهن مهڙجي پٽ جي ٻرڻ لڳي، پر رستو ٻاٽ پهرين کان ئي وڏيڪ اٿئون الڪري ٿي ڌيءَ کي شادي ڪرائڻ لاءِ موهن وٽ اچي لٿي هئي. هڪڙيءَ مائٽين واريءَ چيو، "مهڙجي پٽ جي ٻران جو ڌيءَ لاءِ ولائتي گهوٽ ٿي گهري سو پنهنجو ڏوڪڙ ۽ چگو ٿي کٽي آئي هوندي، ڇو ته خبر اٿئي ولائتي شيءِ ذرا مهانگي ملندي آهي." موهن جو موال وٽ گهڻون ڀالر ۽ هيرن جون ٻڙيون ڏنيون هيون، سو خاطري ڏياري ماڻس ته ڪو مهانگو گهوٽ خريد ڪرڻ جي سمرٿي اٿس، پر اوهان مائٽين وارن کي به ڏاڍيڪي ڪميڻن مکاليندي.

بس ٻوڏ هئي مائٽين وارن ۾ ٻاٽن جي جھڙپ.
وارن جي چڙ... جا رنگبرنگي ڪارڊ، چڻيون، ڊوڻا، الاجي ڇا ڇا ڪٽي پئي آيا. موهن ۾ موال گڏجي چوڪرن

books.sindhsalamat.com www.sundriuttam.com

ڏنڊ جي ڪنهپڻ (هاچل) شروع ڪئي.

امان وڏيءَ چيو، ”ڇو اڄ ڇوڪرن ٽيون آهيو، جهڙو ڇوڪرو آيو سو ڪٿي پسند ڪريو. ٻاهر ئي ڪٿي ڀاڙ ٿيو.“

جواب امان ٻڌران ماڻڪ ڏنس، ”اما! توهان ڪهڙي جهوني زماني جي ڳالهه ڪريو. ماڻهو ٽڪي جو ٺڪر وٺندو آهي ته ٻه ٽڪي ٺوڪي ڏسندو آهي ته اُن کا چمڙ ڀت ته پيل ڪانهي. هتي هي لکيون آهن هڪ ٻه ٽڪي ٻه ٻاهرين ولايت جي اُچي لکيل گهوڙ جي ڳولا ڪريو. لکن جو ليکو آهي!“

امان وڏي ڪلي ٻيهڪي پوئي ڪني سر وٺائيندي چيو، ”هائو پٽ، اُنکي ته ٺوڪو هٿي ڏنڊ سان ٻه سڏ ڪاڻ ٻولدي ته ڇوڪري جي رڳن ۾ رت ڪهڙو آهي اهو ولائتي ڪمن ڏيسي.“

ماڻ ته اهڙن ڳالهين لي ڪلي ٻه اه سگهندي هئس، متان موڪل کي دل ۾ لڳي. پر جڏهن ڪڏهن موڪل ۽ سلوچنا کي ڇوڪرو ڏيکاري موٽندا هئاسين تڏهن لٽي گهر ۾ ڪل کي ڪولي روڪي نه سگهندو هو. سلوچنا هود اڄي اما وڏيءَ جي همت لي ٿاڙي هٿي چوندي، ”اما ڇوڪرو ته ڏسي آيا آهيون اصل ٻڪو ڪاڙو ون. موٽل جهڙي ڪمري ۾ گهڙندي لڳو پٽڻ ڇٽڻ کي جاچڻ، اڙي ٻيوقوف، ٿون هتي موڪلي ڏسڻ آيو آهين،

books.sindhsalamat.com www.sundriuttam.com

ڪين هوٽل خريد ڪري! اما ڪپڙا ۽ اهڙا رنگا رنگي پاتي آيو هو ۽ عينڪ جا شيشا ۽ اهڙا ٿلها هئس جو مون ۽ چيو: ”هي ڀاءُ اندر ميوزم ۾ رکڻ جي لائق آهي.“

اما ٻچل ڏاڍ ڪيئي جو ڳالهي ۽ اسين ڪٿي ٿا کل روڪي سگهون. هو ڇوڪرو ڏسي آيا سين ۽ سڀئي اچي چوڻ لڳي، ”اما ڇوڪري ٻئي گهڙيءَ پنهنجي ڳاهه جي ڳنڍ کي هٿ لاتو. مون ته اُٿي وڃي چيومانس: ڳاهه ٻڌي ڪري ٻڌانءِ. پس اما، ڇوڪري جي منهن مان ٻڪار جا رهلا اچي پڙيا. اما مون کٽي پنهنجو رومال ڏنو ماس.“

اما اچيو، ”سو ٽوڪان رومال ورتائين! ماڻهن کي پنهنجو رومال ته ڪونه هو؟“ اس پوءِ ته هٿا اسان جا ته ٿهڪڙا. ماٺڪ چيو، ”اما هن سڀيئي پڪ گهوڙي ٿيارو هوندس. وڃارو اميدوار گهوڙ هنجي گهوڙ جو ڳاب سڀئي ته سگهيو هوندو......“

اما سر وڻايو، ”هاڻو وڃاري جا هٿ نہ ڪي ڳري ويا هوندا.“ ٻئي ڏينهن جيڪو ڇوڪرو ڏسي آيا سين، ان لاءِ وري سڀيئي چيو، ”اما ڇوڪرو ايڏو ڊگهو هو، ايڏو ڊگهو هو، جو ڪڙيءَ پنيان چڙهي ڪريان، تڏهن ڪيس ڏسي سگهان.“

اما چيس، ”ڪڏهن ٻاهر اهڙو ڪجهه جو وڃڻ، جيڪڙي ٿي ائين ذڪر ٿي پوي!“

books.sindhsalamat.com www.sundriuttam.com

مڪان جو مولل پالي چوڪري وانگر هلي ڏيکاريو ۽ ڪيترو وقت پٺ کي هٿ جهلي پئي گهمايائين.

آخر هڪڙو چوڪرو سلوچڻا ۽ مولل کي پسند آيو، پر موتيل کان ٻاهر نڪرندي مهل ذرا منجهائي هليو. ماڻ پوءِ موتيل کي چئي واڳي مالڪ کي منٿ ڪرڻ: "پٽ لڪن جو سڄو آهي، اوڻ وڃي چوڪري ڪي ڪنهن ٻهاني ٻاهر ڏسي آهه."

مالڪ پڇو ڪلي. چي، "چوڪرو ڪو چاهيو وارو والدين کان ڪواهي جنهن کي بزار ۾ هلائي ڏسجو؟"

مولل پڪڙو چيس، "هاڻي پال ڪلي وٺ، اوکي نه الين پاڻ پاس ڪرائڻو پوندو."

مالڪ ٺهه پهه ورائيس، "مان اورولي هڻن وانگر ٽانڊو ۽ ڦوڙو وارو ۽ پٺي جو پٽ آهيان."

مالڪڻ واريءَ جو چوڪري کي مولل جي ڳالهه پڌائي ۽ چوڪرو مرڪو ٻولهڙو ڪان ئي ٻڙ ڪڍي ڀڙو) اسان سڀني جي مار مولل لي نه مس نه ڏاڍين ڪو ولائي چوڪرو پسند ڪيو، ۽ پوءِ او چو وڃي مڃيو مان ڪندا ڪيا.

سائيءَ ۽ ماءُ کي ڏوهه ڏنو. چيئي: "چوڪري ڪسي هلالي ڏسڻ ۽ آئي سندس اسلامت ڪرڻي."

امان وڏيءَ ۽ سر ورائيو، "ڦاران جو چوڪرو ڪنهن اينڌي نجيبتي سهڻي سکهندو."

مالڪ ۽ ڏاڍو ڪهڙو منهن ڀٽائي ڪند لوڏي چيو،

books.sindhsalamat.com www.sundriuttam.com

”هاڻ ولائتي سنبل جو آهيو.“

مالڪ جي هن ڳالھ تي مولڪي نه ذري گھٽ ٽهڪ نڪري وڃي ها، پر هن پنهنجي ماٺ ڏيءَ کي جو ڏاڍو ڏک ۽ ڏاڍ نه مان ۽ ڇوڙي ڪري ويهي رهيس. مسڪان اچي ويٺي روچان مالڪن واري. اشارو ڏيئي مولڪي کي ڪمري ۾ وٺي هلي، اچي سڳن تي ڪهڻائين. چي: ”ڇو پيٽين جي ڌيءَ ڪا شهزادي آهي ڇا، جو هلي آهي سوامبر ڪرڻ؟ هڪڙو سٺو ڇوڪرو ڏيکاريو هاس، ڇوي تي مٺڙو آهي! هاڻس هن لاءِ گھوٽ ڳولهڻ نڪتي آهي ڪين گھوڙو خريد ڪرڻ؟ سو به هٿ ۾ رقم آلاجي ڪيتري، جهلي انس جو ڪو به گھوڙو خريد ڪرڻ ان جي لائق نٿي سمجھي؟“

ٻاهرئين ڪمري ۾ اچي سلوچنا جي به چمڪ لاٿائين. چي: ”ڇوڪري ولائتي گھوٽ ڇا خريد ڪرڻ آئي آهين، اصل دنيا کي تي اونڌو ڏيئي ڇڏيو اٿيئي! حق ٿي اما توکي سادي (بيوقوف) چوندي آهي. توکا پوءِ گھٽيون ماڻهون ڪهڙيون آهن. هرڪا مانئي مهني اڌ ۾ ڪٽي ٿي ڪٽي نڪاءِ ڪاهو وڃي. هاڻي تون به سيکھ. ڪر ڪوڙ ڇوڪرو پسند ڪري وٺ ته نه تو مان ئي عيب اڪرڻ شروع ٿي ويندا. هتي ماڻهو اٿيئي ٻولڙيءَ لڳائو.“

ڇوڪريءَ نظري سان وارن کي منهن تان هٽائي پڇيو، ”توهانجي مرضي ڇاهي؟ ڇا توهين اٿين تا

books.sindhsalamat.com www.sundriuttam.com

ڇو نه چاهيو ته اسين الهيا جو ڇوڪرو ڪي ڪٿي پسند ڪريون؟“

روچان مالتين واري ڏاڍي لاڙ سان چيو، ”ها سو الهيا جا ڇوڪرا ڪو گهٽ سمجهيا آهن ڇا؟“

”ڇا... الهيا جا ڇوڪرا اڳيان اهڙن ته پڪهڙ جي پاس پيئي اچي. الهيا ۾ سڀ ڏينهن مٽي پيئي اڏامي، جيڪي ڪپڙا پاءِ سي ميرا، رستا روڊ گندا، صفائي نه آهي. ڪٿهه ڪاڏ نه سو فقير مڙي ايندا چوڌاري. نه اٿو ڪپڙن ڌوئڻ جي مشين؟ نه اٿو ٻاسڻ صاف ڪرڻ جي مشين.“

”اڙي هاڻي بس ڪر، هڏن سڙي سلڻي! مالتين وارن سان ڪو اهڙو ڳالهائبو آهي ڇا.“ امان وڏيءَ سلوچنا کي ڌمال ڏيڏي. مالتيءَ کي چيائين، ”مولل ڌيءَ کي هيڏو ڦانوڙو دهل ڇو ڪيو اٿيئي؟ اسان جون ته شاديون اهڙيءَ پڪر ۽ سامت ۾ ٿينديون هيون جهڙو گونگي ڳانءِ جو سودو.“ وري روچان مالتين واريءَ کي چيائين، ”ڀاڻي ڏس روچان! ٻار هريل آهي سکيلڊو، تون نه وڃي ڪوار ڪجانس.“

روچان چيو، ”نه اما ڪيئن ڪوار ڪندي سالس. مولڪي پنهنجي ڪميڻن سان ڪم. پر اڄ جيڪو ڇوڪرو ٿي ڏيکاريانس سو ضرور پسند ايندس. ڇوڪرو آيو آهي لنڊن مان. پڻس چوي ٿو: هفتي ڪن ۾ ٿي شادي

ڪرائي ٻه ٽه ڏينهن کي ولي وڃڻ ڏيندا. نوڪري سان گڏجي هوٽل ۾ ڏنڊ جو ناشتو ڪري، شـــام جو ٻنهي ٻچي ولڻ لاءِ اچاڻو."

روچان وانٺي ته أما سلوچنا کي وري اچي ورتو. چو: أليغي ڪو زالاو کر؟ مڪه ٻنه، ٻير ڊٻل، ســو ته ماڻهن سيڪارن لي ڪنهن الميءَ. ولالسٽ ۾ ٻالوڊر لڳي، عطر اٽلبر مکي، رڳـــو ٻنهون ڏاڙهن سان اچهدســـون هوندا بورن."

سلوچنا چيو، "چو الهن ۾ اسان جهڙو ساهه ڪولهي ٻا؟"

أما چيو، "وڏيري! توهان السان جهڙو ساهه رڳو الهلا جي چوڪرن ۾ ڪولهي ته!"

ماڻڪ چيو، "چڏيس أما ٻار آهي واڇاري! اسين سندس اڳيان ٻههندا آهيون ته واڇاريءَ کي ٻکهر جي ٻاس ايندي آهي."

سلوچنا منهن سهائي چيو، "مون کو ڏهندي لاه گوروئي چيو. أما توهان جهلمرس ته، ٻاڻ ڏالهن پورو چڪي."

مون چيو، "ٻاڻ ڏالهن ڪيتن ڇڪنيندو، هي ته ته هندستاني آهي ا."

سليع هنڌ چيندي اٽن اٽن ڪندي چيو، "ٻر هي اميدوارن جي ڪٺوٽ ۾ گوراڻي ايمل آهي؟"

”ته ڏي بابا لوڪي جي ڪوڙي ولائتي گهوٽ ته اسان
کي به ڪوڙي ديسي ڪندا.“ ماڻڪ ڏاڍيءَ ٺلڪ سان چيو.
سليم ڇاڻ ۾ مٺاڻ ۾ گهڻو وڌيڪ چيو، ”ها ها
ديسي جوءِ ونڃ، بصر ٿوم جي باس واري، سچو ڏينهن
تيل ۾ تريل ڪاڪا ڪاٺي پاڻ ۽ وڃي ٿلهي ٿوب ٿيندي
ته لوڪي به ٻه ٽلپلو پڻ ٿي چڙي ... اون...... اڙ ڊانس
ڪري سگهي ۽ ته ڪاڪ نيل پارٽيءَ ۾ بي ڪاٺي سگهي.
انگريزي ڳالهائي ته پيٽي ڦڏ ڦڏ ڪري...“
”ڏاڍو فخر اٿيئي صاحبزادي پنهنجي ولائتي فيشن
تي! ڏسج ته ڪٿي اهو فيشن ڦاهو ته پنهنجي پوءِ ٿئي،“
ماڻڪ چيو.

سليم چپ ڪري ڪيس وچارا ڏيندي پڇڻ لڳي ته
ماڻڪ ڪيس پاڻهن کان جهلي چيو، ”وچارا ٿي ڏسن
ولائت جي پڙهي!“
أما وڏي اچي ماڻڪ تي بگڙي. چي: ”پراڻي ته ٿيم
سا ڪا ايڏي ڏل مسڪري ٿهي چيا. اسانجي ديس
جي پنهنجي ڌرم ڪرم ڪري ٿي ته سڀ جڳ ۾ هاڪ
آهي.“
عجيب ڳالهه ٿي. أما پڙهندي ته اخبار ۽ ڪاٺهي
پوءِ ملڪ جي هاڪ جي پوري خبر اٿس. چوڻ لڳي، ”پت
هي سو لائتي لاز بلبون چوڪريون لا بڪري ٿيون ولائتي
گهوٽ گهرن جن ائهن واڪر سڀ چڙهي ڪاڻهوه لڌي ملان

books.sindhsalamat.com www.sundriuttam.com

آئون. گهر جي ڪم لاءِ نوڪر پيا رکي سگهن."

هي ٻڌي ماڻڪ اچي ڪُل ۾ ڇڙڪيو. چي: اما ڇٽين
ڇا پيئي؟ اهي ڏينهن ٿي ڪتا گهلي ويا. ولائت ۾ هتي
وانگر سستا نوڪر ڪوڙ رکيا اٿئي! ڇگي پلي ڪٽنب
کي ٻه نوڪر رکڻ جي همت ڪانه ٿيندي آهي. اهي
ڇوڪريون جيڪي هتي ولائت ڪري وڃنديون
آهن، سي اُتي ٻاهر ٻهاري، رڌڻ پچائڻ سڀ ڪم پاڻ
ڪنديون اٿئي!"

اما چيو، "بس بابا اسانجون ڇوڪريون آهن اُتي ۾
اهڙيون. ولائت مان ڇوڪرا هتي اچن ٿا تن مهن لاءِ،
سو اُچا ڪپڙا پائي عطر پطر لڳائي پيا تن کي قونه
ڏيکارين. بس اسانجون ڇوڪريون ته مٿن اکين ڇڪن.
۾ اها ڪا همت اٿن ته ٻاهر ڇڪي مکي اندر ڌڪي.
مارڻا اٿي ته هڪڙي جوءِ رکيو اچن ٿا هتي ته اچي
ڪل ناڻا وٺي ٿي ڇوڪري پرڻجن."

سلوچنا وڏيون اکيون ڦاڙي چيو، "پوءِ؟ .... ٻي
ڇوڪريءَ جو ڇا؟"

اما چيو، "ڇوڪريءَ جو پوءِ ڇا ٿيندو. ڪنواري ته
سگهي، پرڻي ته پيئي معاملي. سا ڦٽ ڪنواري نه ٿئي!
خير هاڻي، سڀني ڇوڪرا ته اهڙا ڪونه هوندا آهن.
تون ته وڃي هيءَ ٻڌي وڃين واپر ڇوڪرو ڏسي اچ."

— واپس جو جڏهن سلوچنا ۽ ماڻس ڇوڪرو ڏسي

books.sindhsalamat.com www.sundriuttam.com

موتيون لــ ڏاڍيون سهڻيون پئي لڳيون؛ ويٺو ڳالهيون ڪرڻ.

موتل چيو، "امان وڏي ڇوڪرو نه ٿيڻ ٿيڻ ولائتي هو. اڄ ماءُ نه هٿن کي ٺوڙيون، پر لنڊن کي سڀ وٺي اٿس. رڳو پيءُ سڌي اٿس."

امان چيو، "پوءِ ماڻي کي ولائت ۾ پاڻهون ڪالهه ملي ٿي؟"

موتل چيو، "نه نه، ولائت ۾ نه گهڻي پاڻهون ٿو ملهس، پر هيءُ پيءُ پٽ چون ٿا، انهيءَ جي ڇوڪري نهندي آهي ٻول جي سچي ۽ وفادار."

امان چيو، "پر موتل ٻائي! اوءِ ڪي ڇوڪري کي ڪڏهن نه لهرٻي! ڇوڪري نه وفادار ڪهڙي، پر ٿون هن واڪر وفادار رهندين؟"

سلمي چڙڪ ڀري چيو، "او... او.... اهو نه اسان ٻچو ٿي ڪهڙو! ممي! امان نه هيءَ ڳالهه ليڪ ٿي چوي."

ٽڪ امان جي پاسي ويٺو هو. سلمي کي جهڙاڻي جي نوع ۾ چيائين، "سو ديئر، مس سلمي سچائي رهندي اها ڳالهه ولائتي گهوٽ ڪان چوڻ."

سلوچنا اون اون ڪندي چوڻ لڳي، "امان ڏس ماٽڪ موڪلي سلمي چيو، ڇا مان هوڙوف ٿي لڳان؟"

انهن چوندي ماءُ جي گوڏي تي ليٽي پئي.

امان وڏي چيو، "هوڙوڻ کي انڌهن سگهه نهندا

books.sindhsalamat.com www.sundriuttam.com

آهن ڇا؟“ اسان سڀني کان ٺهڪ نڪري ويو. سڀني ڄڻن ٿي وڏي ٺهڪ اون اون ڪرڻ لڳي.

اما وڏيءَ چيو، ”موٽل هيرايو نه. ڪهڙو انهيءَ ڏيءَ کي؟ ٻاويهن ورهين جي ڇوڪري، اجا ٻاٽڪي ٻار ٿي سمجهي. ڏاڍو لاڏ رکيو انهيءَ کي....“

موٽل ورائيو، ”لاڏ نڀاڳا ڏنا ڪين اٿوس. ٻڌس کان نه جيڪي گهري سو لهي.“ اهو ٻڌي سلوچنا ڪلهي ڪلهي اسانکي آڱر تو ڏيکاري ڇڙواڻڻ لڳي.

ايتري ۾ فون جي گهنٽي وڳي. فون موٽـــل کنيو. فون ٻڌائيندي سندس شڪل لـــي هيٺ هارجي ويئي. فون رکي سڪل چهري لي چپ ڦيرائي گهنڪا کائيندي موٽل چيو، ”ڇوڪري جو پيءُ ٿو چوي نه سلوچنا پنهنجي اپنهي ولايت ۾ آهي، سو ان ۾ ٻارلي ڇوڪرن جا گڏ ڪون هوندا. انڪري هيءُ ماڻهي نه ٿيندي.“

سلوچنا گوڏن جي چوڌاري ٻاهون ورائـــي ويٺي هئي. لڏلدي چيائين، ”ممي تون خيال ڇوٽي ڪرين. پپا نه چيو هو سنڌي ڇوڪرو ڳولهجو، رڳو ولايت ۾ ڪم ڪندڙ هجي ؛ اما چوي ولهي ولايت جـــو ڇوڪرو الاجي وفادار هوندو الاجي نه.“

ڏکهو ساهه کڻي موٽل چيو، ”ڇوڪري کي نه اسين پنهنجي هڪڙي دڪان لي رکون ها....“

اما وڏيءَ واڪو ڪري چيو، ”الهيءَ حساب سان

books.sindhsalamat.com www.sundriuttam.com

۽ هتان جو ڪو به سٺڏي ڇوڪرو پسند ڪري وٺي وڃو. ولايت ۾ رهندو ته پس ولايتي ڪڇوٽ ٽوپ جو ٽيو لڳي ويندس. هتي جي ٻڪن کي ٽي هوائي جهاز وارن جا لِبل ٻڌي ويندا آهيو ته ساڳيون ٻڪون ڦارن جون ٿي پونديون آهن."

اسان کي گل ڇڪڻ واري هٽي جو سلوچنا ڏابي سهيلڱيءَ سان چيو، "انهن ته مٺي مولڪي هڪڙو سٺڙي ڇوڪرو آهن فارن جي سهڻي ڇوڪرن کان سٺو لڳيٿو."

اکيون ڦاڙي مولل چيو، "ڪٿي ڏٺو اٿو؟ اسين ته ڪو ديسي ڇوڪرو ڏسڻ لئي ڪين هليا آهيون!"

سلوچنا ڪنڌ هيٺ ڪري چيو، "پر ان ڪسي ته ڪوئي ديسي ڪندا!" هوءَ اک ٽيڏي ڪري ماڻڪ ڏانهن ڏسڻ لڳي.

مولل ساهه روڪي چيو، "ڇڙي ماڻڪ لاءِ ڪين ٿي چوان؟"

سلوچنا جواب ڪونه ڏنو، پر سڄي ڳاڙهي ٿي وئي.

ماڻڪ کان ٽهڪ نڪري ويو. چيائين، "ٻڌهن هاڻي ولايتي ڪهوٽ جي ڳولا جو دفتر بند ڪيو؟"

سڀني ٻار جي ڪوڏ ۾ مڙهن وجهي چيو، ڏسڻ ۾ مٺي، ٻوري مولڪي ڇهڙائي ٿو."

آما چيو، "اهو ته سچ، عمر ڇهڙائيندا، خوش دل ڇوڪرو جو آهي. سو تون مڙيئي گهر ۾ ٿي شڪار لاٿيو

واڻي هٿيون. مان ته چوان هن کي ڪو ولائتي ڇوڪرو آڻي ڏي ته ٺيڪ آهي، سو چئو. امان لڪم ملڪم لڏون ٿو، ته ڪو ماڻهوڙي مٽ نه پاليان...“

سلوچنا شرمائجي ماءُ کي چيو، ”ڏس وڏي امان ته چيڙائي ٿي.“ ماڻس وراڻيو، ”سچ ٿي چوانئي.“

امان چيو، ”منهنجو ماڻڪ آهي سچو ماڻڪ. جهڙو آهي پڙهيل ڳڙهيل تهڙو آهي سمجهو سياڻو.“

سلوچنا ماءُ وٽان اٿي اچي امان جو ٻرڙ چميو. اُها پاڪر پاتس. اچا آڻان پاڪر مان لڪتي ته، مون ڪٿي ڪيس ڇاپي لاٿو.

ماڻڪ هي سڀ رنگ ڏسندي واڻي مرڪيو.

---


## اڄ ئي اسان کان گهرائي پڙهو

# سنڌي ڪهاڻي، ناٽڪ ۽ تنقيد

(اي. جي. اُتم جو ڪهاڻي، ناٽڪ ۽ تنقيد جي
مختصر الهاس ۽ آلوچنا جو نئون ڪتاب)

قيمت: ۰۰ــ۱۰ روپيا


---

books.sindhsalamat.com www.sundriuttam.com

# سنڌي ٿي ويا داڏو

چاندي مائٽن واريءَ کي نه ڪا ڪلڻ ڪلاڻ جي ذات مليل آهي. هو ننڍين ڏينهن د ر ۾ پير وڌائين نه ڏسان سندس منهن ملوڪ ٿان سدا بهار مرڪ ڪيڏانهن غائب ٿي ويندي آهي. چيو مانس، "امي! آهي نه خير؟"

"ڪنوار! ڀورن پاڻي گلاس نه ڏيم." چوندي اچي ڪوچ لي ٿڪ ٿي ويندي. پنهنجي شاهي پتولڻين مان ولائتي اٽيش ڪيئي منهن اگهڻ لڳي. مان هنڪو هلائي، نوڪر کي اميءَ لاءِ پاڻ پاڻي ڪٽي اچڻ جو چئي، ڪرسي سيري اچي سندس ڀر ۾ ويٺس.

چاندي امي رهندي اسان واريءَ ساڄيءَ بلاڪ ۾ آهي پر گهر انس نڌين ماڙي لي، سو اسان وٽ ٻهرئين ماڙي لي ساهي پٽي، اوٻاري لهواري ڪري، پوءِ ٿي مٿي چڙهندي آهي.

ماڻهو چوندا اٿس، "چاندي ٻائي! هاڻي نه تنهنجي سڄ ٻچ چاندي آهي؛ چو نه سنڌي ماڻهو ٿي ويا آهن ڪوڪو ڪوڪو سو لوهان مائٽين واران ڪانسواءِ ڏيئن ٻئن جو ن شاد هو ن ڪرائڻ ٿي پيو آهي مشڪل ڪم..."

چاندي امي ڪلي ڪلي جواب ڏيندي آئن، "هاڻي

books.sindhsalamat.com www.sundriuttam.com

اسان مائٽين وارن ڀلا سرڳوَ ڏٺي، ڇڏ هن نه وڃي قد سچالو آڌرَ اساڻجو، ته ته سوَ ٻه ڏيئي ڪٽي ڀتائيندا هئا هاٿي هڪ هڪ مائٽيءَ جا هزار ٻه ڏيو مٿان سانڍهيو ۽ گفتون ٻه ڏيو، پوءِ به ڏس ته ٽڪسين ۽ ٻين جي پاڙ لاءِ پيا اسانکي هٿن ۾ لوٽ ڀڪڙائيندا.

هڪ ڏينهن مون چيومانس، "امي توهين مائٽيون ٿي اهڙن گهرن جون ٿا ڪٽو جيڪي ڀلا نه ولائت مان لکي ڪٽي آيا آهن يا هندستان ۾ اچي ڪو نئيو وڏو ڪارخانو کوليو اٿـن."

هن ٺهڪ ڏيندي چيو ته "مائي ڪٽلن ڀٽلن وٽ ويندو ڪير؟ جڏهن سائينءَ ٻـه سندن سار نه لڌي، جو روپا سونا ڪلدار سندن جهول ۾ ڪٽي اچلي ڏئين لـه پوءِ مان ڇو سندن در تي ڌڪا کان؟."

مون به ڪلي چيو، "منهنجي معني، توهانجي ڀڳوان به ماڻهن سان ٻـه اڪيائي ڪئي آهي نه؟"

چاندي امي وڳڙي ويئي. اُٺي ٻهڪي ڇوڙ لڳي، "سو ڀڳوان تي ڇو ٿي ڏوهه وجهين؟ ڀڳوان هر ڪنهنکي ٻه ٻه اکيون ڏسڻ لاءِ ڏنيون آهن. ووڪ چڱائي مڻائي کي پرکڻ لاءِ ڏنـو آهي ...... پوءِ ٻـه جي ماڻهو پيا اُبوجهن کي ڦريندا، مارڻي مٿان ماڙو اڏيندا ته ڀڳوان ڪين ڇا ڪندو؟"

منهنجي نـڊي ڏير وچم اچي چيو، "ها پوءِ ويچارو

books.sindhsalamat.com www.sundriuttam.com

ٻکوان ڇا ڪندو، وڃي سنئين آسمان ڏي لنڊ ڪندو
ٻيو ڀلا ڪري ڇا سگهندو؟"

چانديءَ اميءَ هڪل ڪئي ڇي: "هل هتان منحوس‌ڪڙا! ڪوڙي ڪهڙي رب جي راز جي خبر." ڏاڍ پهنجو جهٽڪو کائي، اهڙو ٻيو جهڙو ڪاريءَ هيٺان ڪانءُ.

ٻر هڪڙيءَ رعب واريءَ عورت جي منهن ڏي اچ ڏوائون ڊوڙي رهيون هيون ۽ ڏسي ڏاڍو عجب عجب پئي لڳو. ليڪن جيستائين هوءَ پاڻ کائي پاڻي ڏ ي رهي، تيستائين راز ساڻ واري ٻه ڪاله هئي. مان ي صوريءَ سان سندس ڳالهائڻ جو انتظار ڪري رهي هيس. سچ ته چاندي امي مون لاءِ دنيا جي دريءَ مثل آهي. مان ته پنهنجي گهر جي ورانڊي مان والدي ڪين ڏيان. ٻاهر اچان وڃان مشڪل. تڏهن اها چاندي مي ئي اهڙ جيڪا روز دنيا جو واءُ سواءُ اچي ٻڌائيندي لـر. ڪڏهن روئاري وجهي ته ڪڏهن کلائي ٽهڪ ڀاري وجهي.

ڪڏهن گهر ۾ گهڙندي ئي ڳالهه شروع ڪندي. گرڏن ي ڏڪ هڻي چوندي، "منهنجي مائي مان ته منهن.... سندن جي ته ڪا ڏکيري ئي لهي ولڻي آهي. مائي ڳل ته ڏسو! ڪلهه مائٽي ٿي، ڳالهه فروٽ ڪيون ڊالر سب ڏنو ڪلو ڏيو. چوڪري چوڪري سان ڪڏ وڃي ٻڪڇر ـ ڏسي آئي .... هاڻي چون ٿا مائٽي ٿوڙ ٻڌاسين" ؟

books.sindhsalamat.com www.sundriuttam.com

اسين گهر جا ننڍا وڏا ڀاتي سڀ ڪم ڪري اچي چانديءَ جي ڳالهه ٻڌڻ ويٺاسون... رڙ ڪري پڇيوسونس،
”ڀلا مائٽي ڇو نٿا ڪندا؟“

چاندي ٻائي آئي منهنجي ڪنهن ڏهر ۾ لڙائڻ کي چمونو ڀالي چوندي، ”مٺا توهين ته ڪڏهن اهڙا ڪم ڪجو - اُهو منهنجي ئي گهٽتائي آهي. ٻهراڻ ئي ماڻهو ڳڀي ڳولي ڪم ڪري. هن مائٽيءَ ۾ ته چوريءَ وڏو آهي ڀڙڪ ته انهيءَ چوڪري سان ڪانه ڀرٽيس. ڇو ته اهو فرانس جي ٻولي لٽو ڳالهائي سگهي. ڀلا چوري ڀالي نپٽي آهي پٽڙس ۾، ماڻهو واٽس مري. پـيءُ کي شوق ته سنڌان ۾ ڏيءَ پرڻائان. هاڻي اهڙو سنڌي گهر ڪٿان اچي جو چور و سنڌ س ڏيءَ سان فرانسيسي ٻوليءَ ۾ گٽ مٽ ڪري.“

”پوءِ؟“

”پوءِ ڇا. اسين ته ماڻ ٻه شهر - شهري آهيون. ڪيڏي ڏنو ماڻس هڪڙو سهڻو ڏاهوڪو سنڌي جوانڙو، جو ڪو فرانس ۾ نوڪري ڪري آيو آهي. ۽ اما، چوڪريءَ جو پيءُ چوي: اسين سيٺيون، پنهنجي ڪارخانن وارا، اسين ڪيئن نوڪري ڪندڙ چوڪري کي ڀاڻهين ڏينداسين.“

”پوءِ؟“ اسان ڏاڍي انتظار سان پڇيو.

”پوءِ ڇا! پوءِ ته مون به ڪيڏي ماڻس ڏمال ته سيٺيون

books.sindhsalamat.com www.sundriuttam.com

اٿڪندا وڃي ويٺي.

چيم، ”اَمي لوهڻ ته اڄ ٻووليون پيا پچايو. مان ته لوهاڻڪي اڳيئي چوندي هيس ته لوهڻ رڳو ٿورن ۽ شاهوڪار سنڌين وٽ ٿا پهچو. باقي حقيقت اِها اٿوَ ته اهڙا ڪيترا سنڌي ڏاڍو بکن ڏکن ۾ ٿا گذارين.“

”ٻاهه ڏي اُنهن بکين ڏکين کي، هتي سڪي ڪنهن جي پاڙ ۾ به ڪيڙو لڳڻ شروع ٿي ويو آهي.“ آيو ساهه کڻي وري چوائين، ”اها رامي ڪاله ڏٺي اٿيئي جيڪا روز روز موٽر وٺي اچي منهنجي در تي بيهندي هئي ته پٽ جي مائٽي ڏکري ڏيئم ۽ ڇوڪري به وٺي ڏيئم حور پري!.... شل ٻاهه لڳيس، ڇوڪري برابر حور پري ڏيکاريائس جنهن جي نڙيءَ مان ٿي ٻاٽڻي بکيو. پر رامي ٻائي چوي: مان وٺندئس چار مٺيا هڻن جا. جيتوڻيڪ ڇوڪرو به ڇوڪريءَ تي هرڪ هاري ويٺو هو، ته به مائي چئن مٺين کان هيٺ لهي چوٽي.... ۽ اڄ ڏس انهيءَ ساڳيءَ راميءَ جو حال- پٽس وڃي ڌاريءَ ذات مان ڪورٽ جي شادي ڪري، ٿلهي ٻانهن وٺي آيو آهي.“

منهنجو ته وات ڦاٽي ويو. چيم ”امي لوهاڻجي راميءَ جا ته ٻارهن وڃي وڳا هوندا.“

”آئي ڏيءَ ٻارهن ٿي چوان؟ سڀ وڃي وڳا اٿس. چئن ڏينهن ۾ ٿي ڪوماڻجي ڪارو ٺڪر ٿي ويئي آهي.“

books.sindhsalamat.com www.sundriuttam.com

مون چيو، ”پر اهي ڳالهه ايستائين پڪي ڪيئن؟
ڪرو نه اهڙو ڪونه ٿي لڳو.“

”بابلي، ڇوڪري کي لڳي ڪاوڙ نه مان ڪو ڳڏو
مان چيا، جو پهرين ايندا ڇوڪرين جا مالڪ مولڪي
ڻ، پوءِ گهر ۽ دڪان ڏسندا، پوءِ هلندو نيلامي
ڪرو نه سڀئي ڇوڪري کپو ته هيترن هزارن ۾
ڪرو خريد ڪنداسين. ڪاري کپو ته رقم ڏيڻ لاءِ
ر آهيون مٿان هلندي ماڻس جي مٿين ۽ ڪيڙن ؟
ارن جي سود بازي.“

مون چيو، ”اهي پر راميءَ وٽ ڪهڙي ڪوٽ پيئي
ٿي جو سود بازي ٿي ڪمائين جڏهن ڇوڪري کي
وڪري پسند هئي، تڏهن ڏئي ايتريءَ کي وچ نپائي
ڻ جو ڪهڙو ضرور هو.“

چالدي ٻائي پنهي هٿ ڪٽي مٿي تي رکيا، ”ڌيءَ!
هائي نه ڳالهه پڇنس به ڇيس. هاڻي هلي ڏس
ه رامي ڪيئن ولئي هٿ هٺي. ڇي: سنڌڻ لڌهن
زان ها نه ته متا بول نه ٻوليم ها - اهي ڪري سڌ
ڪرايم ها نه ڌيءَ جون ڪي سڪون لاهيان ها. سنڌڻ
سهن گهر ۾ پنهي ڦرڦر ڪرايم ها نه سچر گهر ٿي
نو ٻهڪيم ها. پنهنجي رات رسم، آئي وٺي جي مان
رڇالا جي ڪا خبر هئيس ها. سنڌي ڇوڪرين جو
الو لائو ڏسي پيون ٻئون راتيون ڪنديون آهن.

books.sindhsalamat.com www.sundriuttam.com

ڏاڍي چڙڪري ڪٽي سڀ سينگار ڪري لــ بـ سنڌ ڪالا ٿي سگهندي. وڏي ڳالهه، ٻائي چاهي ٻالهي پڪي سولهين پنهنجي. پنهنجي مان جيڪو ساڻ ايندو سو ڏاڍين مان ٿو روٿي ايندو. سنڌي سيٺين سڄڻن جي آڻ پاڻ ٿي پيو، آپ ڏاڍ ٿي پيو.... هاڻي ته راڻي ڪا پاڻيءَ جا وڏي روئي."

چانڊي اميءَ جي ڳالهه ٻڌي مرڪي پئي. ڏاڍ افسوس ٿيو. چيو، "هاڻو اَمي! راڻي ڳالهه سڄي ٿي ڪري. لوهاڻڪي ته منهنجي شاديءَ جي ياد گيري هوندي. سنڌين جي شادي آهي هڪ سڄي ڪتاب جو پئي سڄي ڪتاب سان ناتو جوڙڻ. لوهاڻڪي ته ياد هوندو ڪيئن ٿي سيٺين هڪ ٻئي کي ڪڏهن ڦڪائي پاڪر پائي ۽ سيٺن وري هڪ ٻئي کي دارونءَ جا گلاس پئي زوريءَ پيارڻا. پڳڙين پهرڻ جي ته هٿي لاڏن ناچن ٿي مار. مهمانن جا رانين جا اوڇاڙا ۽ اوڀارڻو لهوارڻون، ڳالهه ڳالهه ۾ ٺهڪڙا جڻ سڄي سنڌي ٿو جو شاد مالو هو."

چانڊي اَمي آلهن ڏينهن جي ياد گيرن ۾ ڪوهجي وئي. ليڪن الهيءَ شاد مالي ڪان اڳ جون لڪليفون ۾ مرلڪان ڪين وسرڻون هيون. مون چيو، "امي لوهڻ سچ ٿا چئو، سنڌي ٻراٻر ڏاڍو ڏاڍو ٿــي ويـا آهن منهنجي پيءُ کي ته منهنجي ماڻيءَ ڳولڻ ۾ چار سال

books.sindhsalamat.com www.sundriuttam.com

لڳي ويا، پوءِ ڀاڱن ڪٽنبن جا ڏيٺيءَ ليٽي لاءِ ڦاٽل
واٽ ڏسي ٻهراڙ تي پيو. ڪيترا شهر گهميو، ڪيترا
ڇوڪرا ڏٺائين، مس وڃي لائق ماڻهو مليا."

چاندي ٻائي ٻٽولڻين جي رپ ٻڌ ڪري آئي ٻڌي.
سندس پير سوڙهي ٿيو هو، اُنکي پٽ تي ڦر ڦر پئي
هميائين. سندس مدهن تي اچا ڏڪ، جي رنگا چاليل
هئي. چيائين، "اِس پٽ منهنجو ٻه آهو تي لڙوڻڙو آهي
لـ. سندي اصل ڪو ڪر تي ويا آهن. مٿان وري
اهو گهوٽ ماڙن کي ٻئن کي ليلام ڪرڻ جو شوق،
هئي ڏوُم کي ٽي ڪٽي رکيو اٿن."

مون چيو، "ڏوُم نه قوم چٽو امي."

"اڙي ڏوُم جا قوم ڇا. مون لاءِ ڳالهه مڙئي هڪڙي.
آءٌ سڪول جا پڙهيس اهي ٽي درجا. پر ڏوُم جا هي
حال ڏسي منهنجو نه هميو پيو هڃي...."

پر چاندي امي جو اڻ پڙهيل هوندي به هي ڏوم
لاءِ کهڪاءُ ڏسي منهنجو من نه اصل چلڪي پيو.

books.sindhsalamat.com www.sundriuttam.com

# ٻنڌن

سرامي، الاجي ڪهڙن سنسڪارن جي لوڙيءَ ۾ ٻڌل آهيان نه ته ٻنڌن ته سڀ ٽٽي چڪا هئا. مون ته سمجهيو هو، اها طوفاني رات، جا الاهي وڻ ٽڻ ڪيرائي، دل جي سموري ٻسٽي اجاڙي ويئي، سائي آخرين رات، هئي. هڪ سال جي اندر ئي اهڙي طوفاني رات لوهان لاءِ ٻه اچي ويندي، مون ڪٿي ڄاتو.

ڪلهوڪو خط پڙهي، خبر ناهي ڪهڙو ڪجهه، جو دل جي سطح تي پکڙيو پکڙيل پيو هو، سو ڪنهن بلڪل ڪچيءَ زمين اندر سمائجي ويو آهي. ائين پيو لڳي، نئين تاڙي زمين تي هلڪي ورسڪار ٿي آهي. منجهانئس پيني پيني خوشبوءِ پيئي نڪري. شال اها ٻه گهڙي وس ٿئي، اهڙي وس ٿئي جو هن سراڙ جي ٻسٽي لڙهي ٻڏي وڃي. ليڪن جهونن سنسڪارن ۾ ٻڌل هن سراڙ کي جو، لوهالجي دوست گروپ نوَن خيالن جي رسيءَ ۾ ٻڌي ڇڏيو آهي، سو ڪيترا به وهڪرا انڪي لوڙهي ته سگهندا ئي ڪين.

خبر اٿوَ، هو جڏهين ٻهوان ٻهراڻ منهنجي پيڪن مڃي آيو، تڏهين ڇا اچي چيائين؟ ”روپ! تون مرڻ

books.sindhsalamat.com www.sundriuttam.com

ٿي چاهين ٿا جيئڻ."

اهڙيءَ حجت جو حق ڪنهن ٻوڙهن وٽان مليو هو ۽ ٿا سندس پيدا ڪيل هو، اهو سڀ سمجهڻ جي ڪوشش پئي ڪيم، جو ڪالهه چيائين، "ان طرح ٿرڙ ۾ ويڪائون ناهڻ سان ٿي ٻاڻ ڪي! ويچارا وان استري ڪانه سڏائي سگهنديون."

"اڙي، ٻوڪي ڪڏهين چيم، مان ويچاروان آهيان؟ ويچاروان هجان ها ته پنهنجي وٽان هيئن ڏڪارجي..."

سوامي، وڌيڪ ڪجهه چئي نه سگهيس. چپ ڪري ڏاڍن وچم ۾ چڙهي آنسو ٻي وجهڻ جي سخت ڪوشش ڪيم. مگر آنسو .... اهي ٻوڙهان وانگر ضدي، اکين جا چوڪٽ ڇڏي، ڳلن تي وسڻ لاهي هليا.

گوپ ومت اهڙي دردي: دل آهي ٻيا هر ڏاڍيءَ استريءَ جي ويل نا ڪنهن به پرش جي دل جون ٿاڙون هميشه ان طرح ٿي ڇيڙي وجهندي آهي، سو لٺي چاٽان. اُنوقت گوپ رومال سان پنهنجو منهن اهڙو ته زور زور سان اگهي ڇڏيو، جو پلڪون ڦٽي ڪندي ٿي سندس سورج جهڙو ڳاڙهو چهرو ڏسي شرمسار ٿي ويس. ڪاش، ٻوهان وٽان اهڙي همدردي پائي سگهان ها اُنوقت!

گوپ چيو، "هڪ آفيس ۾ هڪ ٻن ڪلارڪن جون جڳهيون خالي آهن." مونکي ڪل اچي وئي، ٻر جهڙو

ٿي سڀيون ڇوٽيون ۽ وڏيون وچن ۽ حشام ماڻهن جا
منڊي اهڙي ڪچي ڳنڍ ڇوڙي ٻڌي وڃي؟"

منهنجي اندر هڪ آگ ڄرڪي اٿي. ان آگ کي لڪائڻ ڪم نه. ٻاهر اچي گهر ٽڙ جلائي ڇڏ پر ڪجهه ڪين ٿيو. اکين مان اڪت برسات وسائڻ ڪاليه ٻيو اها جان ٿڌي نه ٿي سگهي. ننڊ ڦٽي پيئي، اکيلائي ۾ ڏي ڏاڻ واري هڪ ٿي سهيلي ٻس رسي ويئي. ٻئي ڏينهن ٿي لوهاڻن سان چٽي شينهڻ وانگر وڙهيس. ڪاش ان مهل لوهاڻي ڪل هجي ها نه اها پنهنجن کان پاڻکي جدا سمجهڻ جي جر ڇا ٿيندي آهي! پوءِ شايد ساريءَ زمين جو پاڻي منهنجي مٿان ليٽائي وجهو ها. يا شايد دل جو سرور سنهه اکين مان وهائي، مونکي ان ۾ ڏوئي سيتل ڪري وجهو ها.

ليڪن ان مهل لوهاڻي دل سڙي هئي. سڙي ڇو پيٺي هئي! سروج جي دل جو سات جو هوس. لوهاڻکي خبر ٿي ڪين پيئي نه ٽٽل دل ڪهڙي قسم جو اجهاڻيل ڏيئو ٻٽجي پوندي آهي. لوهاڻ رڙ ڪري چيو، ”مونکي سائين کان وڇوڙڻ واري لون ڪير ٿيندي آهين؟ هٽي وڃ منهنجي منهن ڏان. لنهنجي شڪل ٻه اٿو ڏسڻ چاهيان." هائو لوهاڻ الهيءَ روپ کي اهڙا سخت اکر چيا جنهن جي وڇوڙي ۾ ڪنهن وقت نه راحت ٻه لرار جي ڏار جيان لوهاڻکي گهائي گذرندي هئي. ۽ مان

books.sindhsalamat.com www.sundriuttam.com

پنهنجي دل جي اونداهين منجهان ڀلا ڪهڙي نئي روشني پاتي سگهيس؟ ڏاڍي ڏکي ڏاڪڻ لهي هيٺ هلي آيس. پوءِ ڪيڏانهن ويو هليا خبر ڪانه پيئي. جنهن وقت سرت آئي تنهن وقت پاڻ کي سمنڊ جي ڪناري ويٺو پاتم. لهرن مونکي ٻانهن ۾ وٺڻ لاءِ هڪ ٻئي سان شرطون ٻڌائڻ شروع ڪيون. جڏهن انسان، انسان کي پاڻ ۾ سمائڻ کان لاچاري واري ڇڏيندو آهي تڏهن قدرت کيس سهارو آڇيندي آهي. مگر مان اڪيلي سهارو سمجهي سگهان، اهڙي ابوجهائي به منهنجي تعليم مون کان کسي ورتي هئي. قدرت ته انسان کي ٻي سهارو ڪري ڇاڻي، انسان ٿي انسان کي جياري سگهندو آهي؛ سهارو ٽٽجي، ڏک جي گهڙين ۾ کيس پاڻ ٿي ٽيڪ ڏياري وهاريندو آهي، اها ڳالهه ڪافي دير سان معلوم ٿي ها ائين چوان معلوم ته اڳ ئي هئي، نه ته لوهانجو سهارو ڇو طلبيان ها! پر ان ڳالهه جو ذاتي آزمودو تڏهين ٿيو، جڏهين مان پنڪن ۾ رهيل هئس ۽ گوپ محسوس ڪيو ته مون کي نوڪري وٺي ڏيڻ ڪانپوءِ به هو مونکي پوريءَ طرح ڪليندو نه ڏسي سگهيو هو. هڪ ڀيري ڏسي ٿي چيائين، "تنهنجي آفيس ۽ منهنجي آفيس جي وچ ۾ ڪا ڪوهن جي وٿي ڪينهي پوءِ ڇو ڪڏهن مون وٽ هلي ايندي ڪرين؟"

الاجي ڪهڙي جذبي سان مان هنجي هيءَ گهر

"ڪشور جو تعصب ۽ قتل ڇڏجي!" توهانجو ٻالو ٻڌي
ڇرڪ لڳي ويو. ۽ رومال ڪيرائي ڇڏيم. اهو کڻڻ لاءِ
جهڪڻ ٿي لڳس ته ڪنهن ٿي پڪڙيم، ڪا ڇوڪرين جي جهنڪار
جهڙي مٺي کِل کِلائي چئي رهي هئي. "سروج جي
دوستيءَ کي گهٽڻ ٿي ان طرح غلط سمجهيو، سندس
شاديءَ جو ڪارڊ خبر ناهي ڪيترن جون مرادون مٽيءَ
۾ ملائي ڇڏيون هونديون."

مونکي ڄڻ ڪنهن جيل مان آزاد ڪري ڇڏيو. ڀانيم
ٻڪ پائي واپس اچان. مگر ناري هميشه پيار جي ڳالهه جي
اظهار کان ڪهندي رهي آهي؛ ڀلا نٿي ته ڇو ڪين.
پرش کي جو سندس کليو اظهار وٺي ٿي ڪين.

مان پڙهندي آئيس ڏي آئيس اهو ٿي سوچيندي
رهيس ته پرش کي فقط سنگت مان پوءِ نه ٿيندو آهي.
ليڪن فقط شاديءَ مان ٿي پوءِ ٿي ويندو آهي، اها ته
حقيقت ناهي. دل ۾ چيم، "اگر وري ڪڏهين گهر
وساڻيس ته مان توهانکي پڙهندي سوني سکين ساهيڙن
سان خوب مٺو جهاز ڏينديس......"

ٻ شام جو توهانجو خط مليو. بس ڪهڙيون نٺل
ڳالهيون گڏيل جي ويٺون آهن. ڇا ٿيو آهي، ڪجهه سمجهه
۾ ٿي نٿو اچي. جهونا پراڻا ڳالهه نه ڳالهه، عجيب راڳ.
پيا دل ۾ هرن! توهان به مون جيان هڪ طوفاني رات
گذاري آهي. دل جي ٻستيءَ کي زمين دوز ٿيندو ڏٺو

آهي. اُنلاءِ ڏکُ ٿئم. پر "روپ وري ڪڏهين جدا نه
ٿينداسين" انهن اکرن ڇا ته جهومايو ٿئم. "جڏهن روح
کي بدن ۾ سمجهيم اهو پريم هو مڪتي هئي." لوهان
جي انهن اکرن ڪيڏيءَ ٻوڙا ڪان مڪمت ڪري ڇڏيو
آهي ڪيترين ٻڌايالو. لعل جو نٽي اچي سو، گذري کي
وڃي پڻ ۾ پلٽيو اٿم.... هاڻو اسين ڪڏهين به نه جدا
ٿينداسين. اڄ جي کهڙي طوفاني رات ۽ شاديءَ جا
بدن اندرو گهر گهلا ٿي ويا. خط ماڻ کاپيو به کي گهٽ
طوفان ڪين لڳا آهن. وڄ جا چمڪاٽ به الاهي ٿيا
آهن. پوءِ باکون ڪڍي اوسٽائين هن ٻتيءَ جو ڪمرو
ليل جلندو، اها به خبر ڪانهي. وڇوڙي جهڙي رات
جهڪا ورياڪاٽا هئي، ان کان ڪيترين ٻهرا وڌيڪ
ورياڪاٽا اڄ ڪٽي وڃي آهيان جيءَ منجهه. جا ٿان لي
لوهانجي به اجوڪي رات درين کوليندي، بند ڪندي،
بالڪنيءَ ۾ ايهندي ڪتاب پڙهندي، ڪپڙا سهيڙيندي.
اڄ ڇا ڇا ڪندي گذريندي. مگر صبح جي پهرين
ڪرڻ سان گڏ هيءَ خط کير واري هٿان لوهالڪي ملي
ويندو. ان جو شمار هوندو، جڏهن لوهيون ايندا.
اها گهڙي! اها گهڙي! بس تصور ئي ڪري سگهان.
پوءِ ٿيءَ جي پکهار ۾ سون کان به سهڻي هوندي،
سچي هوندي.

books.sindhsalamat.com www.sundriuttam.com

# ڏيهه ٽيو پرڏيهه

جانڪيءَ کي لائون **لنڊن** ڪو سال ٻه ڪونه ٿيو هو. پورا پنجويهه سال گذاري چڪي هئي ساهرن ۾. هيئنر هوءَ ٻه ڪنڌ ۽ پنهنجو هرٺي ٻه. ڪين رهي هئي، جا ڏاکڻ جا ٻه ٻه ڏاڪا گڏ ٽپندي لهندي هئي يا چوٽ اي چنڊ کي آرٻ. ڏٺو ويندي ته وڃڻ ۾ ڪنڌهي جهڙيءَ ڪل سان پاڻ ۽ ٻي ڪڙڪائي چڙهندي هئي. پوءِ ٻه. جڏهن گهوٽس ڳالهه ڪئي ته، سنڌ مان، سنڌ س ٻيڪن جي ڪٽنب مان، ڪو مهمان اچي لٿو آهي پنهنجيءَ ٽي، ته جانڪيءَ جي من ۾ هلچل مچي ويئي. گهوٽ کي چيائين "هاڻي جو هاڻي ٽيليفون ڪري، مهمان کي گهر ۾ گهرائي ڏيو." هو ٻيو ڪلي- "هن عمر ۾ نه ٻيڪن جي ڏٺي سڪ! ٽيڏيءَ ٽنگر جيان ڪٽي آلڪل ڪنهو اٿيئي ته مهمان کي گهر ۾ گهرائي ڏي..."

جانڪي وسي ماڻي ته گهوٽس چيو، "واهه! تون ته ويهه سال ٽنڊي ٻيهي ليڪن. چڱو ڀلا گهرائي ٿو ڏيانءِ مهمان."

مهمان گهر ۾ آيو ته جانڪيءَ ۽ گهوٽس ڏايو هاءِ ٻاءِ ڪيس. ڪاڏي جي ڳالهه لٿي ته جانڪيءَ جي گهوٽ

books.sindhsalamat.com www.sundriuttam.com

۽ ادي، هاڻي اسانجو ڳوٺ، ڳوٺ نه رهيو اٿيئي، اَصل شهر ٿي پيو آهي. آس پاس جي پسگردائن ۾ جو ڀانءِ ڀالت جي سامان ٺاهڻ جون فئڪٽريون کلي ويون آهن ۽ شهر جي رونق ئي ٻي ٿي پيئي آهي...“

جانڪي، ڪيول ڏي نهاريندي، دور کٽي پنهنجي ڳوٺ جا نظارا ڏسي رهي هئي. ڪيول چيو، ”۽ رڳو ڳوٺ جي شڪل صورت ڦري وئي آهي، ۽ اصل ماڻهن جا ويچار وهنوار به بدلجي ويا آهن.“

”ڪيئن ڀلا!“ جانڪيءَ ڏاڍي انتظاري ڏيکاري.

”هڪڙو مثال ٿو ٻڌايانءِ، ٿورو وقت اڳ جي ڳالهه آهي، هڪڙو وڏو زميندار جيڪو ڳوٺ جو مکي ڪري ليکبو هو، اهو گذاري ويو. پنهنجو مکيءَ جي پٽ کي پڳ ٻڌڻ آيا ۽ چوڪرو ڦٽ ٿي اُٿي بيهو ڏئي چي: اهي زمانا ٿي لڏي ويا، جڏهن مکي پڳ پائي اوطاق تي ويٺو چلم مان ٽوڪا ڪڍندو هو ۽ ڳوٺ جا هاري ناري اچي کيس سلام ڀريندا هئا. هاڻي اهڙو وقت سو ڪنهن کي رکيو آهي. پنهنجو ته ٿيا نئين زماني جا، ان چيس: مڙيو ٿي ڪٽي سو ڪر، ٻيو هاڻي چلم ڇاجي، اوطاق ڇاجي؟

جانڪيءَ ڪان کل نڪري وئي.

ڪيول چيو، ”اَدي، اَڄ جي سنڌي جوانن کي سنڌ جي ڌرتيءَ سان ڏاڍو پيار آهي. انهوڙي لڏي

books.sindhsalamat.com www.sundriuttam.com

وٽن سمنڊن لاءِ به ڏاڍي حب ۽ همدردي اٿن.
سمنڊ ۾ ٻيليءَ لاءِ نه جان ٿا ڏين. قديم ورثي ۽ تهذيب
کي قائم رکڻ نه سمنڊن فرض ٿي پيو آهي...“

جاڪيءَ جيڪي ٻڌو ونتي سو ڪيس الٽين ٻٽي
لڳو جڻ ڏاڍو پري کان ڪو ٻڌلاءُ پيو سمنڊ س آند رٿين
من لي پوي. دور ڪٿي ماضيءَ جي لصوارن کي
ڏسندي چيائين، ”آدا اسين جڏهن ننڍڙا هواسين
تڏهن نه ٿون ڏسين ها اسان جو رهڻ ڪرڻ. اُٿهن
ٿيندي هئي له ٻاڙي جون ننڍيون گهر گهر ۾ ڪاٺ
ٺڪرنديون هيونسين. اچن جانورن جي ڪڇٽيءَ مٿان
ڪمند ٻرڪي ڏيندا هيون، وڏي ٿالهيءَ ۾، گڏ جي
ڪاٺ لاءِ. اسين به ڪائي ٻي جهونيءَ ٿالهيءَ ۾ هٿ ٺوڪي
دعا جا چڱا هٿيندي ڇونڊيون هيونسين: اَن ڏي،
ڌن ڏي، ڏوليءَ ۾ اَنهن ڏي، ڪاڪو ڪائي ڪوڪلا،
جوٽس جٽي ڇوڪرا، اَکڙيءَ ۾ ڪَڪَر، ڪاڪو ڪنهي
آئو لڪ....“

هاڻي ڪنول جي ڳالهه جو وارو هو.

جاڪيءَ چيو، ”گهڻو مزو نه ڪارڪنن ۾ لڳندو
هو. جوان ڇوڪريون ۽ ٿوريون گڏجي ڳلسيون ٻا ٺومڙيون
رکنديون هيون. اهي ٿي ڏينهن مائٽ اسالڪي ڏاڙيون
ڪري پوڄيندا هئا. اسين به ٺڪاڻي ۾ ڏيئو ٻاري
ٻولي ٻائي ٻيا هڪ ٻئي جي گهر ايندا اسين ۽ ويندا اسين.

books.sindhsalamat.com www.sundriuttam.com

کل کل جا ڪنداسين، بس گهٽين ۾ گهوريا پيا وڃندا...“

ڪنول به پنهنجي شهر جي ساٿين ۾ گهٽين پاڙن جو تصور ڪرڻ ۾ گم ٿيل هو. جيڪي اڄ به ڪيس لڳي ويلن لاءِ اداس اداس نظر ٿي آيا. آهستي چيائين، ” ادي !....“

مگر ادي ڪٿي ٿي پئي. هوءَ ته پنهنجي ٻالپڻ جي ڏينهن جا خواب ڏسڻ ۾ مخمور هئي. چوندي پئي ويئي.... ” اسڪول وارا ڏينهن ته ڏاڍا مزي ۾ گذريا پر ڪاليج ۾ تهائين وڌيڪ خوشيون هيون. ڪاليج ڪو ڳوٺ کان گهٽ پري ڪين هو، پر ڪاليج ۾ پهچي ڪير پڇي! بس ادا مون به تڏهن فراڪ ۽ ڪرتا سلوارون پائڻ شروع ڪيون. منهنجون ڪي سرتيون ته ساڙهيون پائي اينديون هيون ڪاليج ۾. اصل جوڙيون پيئون لڳنديون هيون. سڀن شاديون به مونکان اڳ ٿي ويئون. مان ته اڃا به شادي ڪانه مڃان ها، ڇو ته مونکي ڊاڪٽرياڻي ٿيڻ لاءِ ڏاڍي دل هئي. پر ڊاڪٽري پڙهڻ جو ڪاليج نه شهر ۾ به ڪين هو....“ جانڪي ڏاڍي دلگير نظر آئي.

ڪنول چيو، ” مگر هاڻي ته ميڊيڪل ڪاليج به آهي اسان وٽ. انهن ته نيون سرڪاري آفيسون، اسپتالون، اسٽيشنون ۽ اهڙيون ٺهيل آهن، جو ڏسي اکيون چرخ ٿي وڃنَ ....“

books.sindhsalamat.com www.sundriuttam.com

ڪمول جي ڳالهه ٻڌي جانڪيءَ جي منهن تي اُرمان جي ريکا اڃا به گهري ٿي وئي. چيائين، ”ڏاڍي دل هئم ڊاڪٽرياڻي اسٽيج تي پـــر ڪالهه به پورو نه ڪيم.“

ڪمول چيو، ”آدي توهانجي زماني ۾ نه اڳي ڪيترين ناٽڪن ڪالهه پڙهنديون هيون پر هاڻي ته وڏو تعداد آهي زناني عالم جو. مون جي ڳالهه ته اها آهي جو هاڻي ناٽڪن ۽ ڪوتائون، ڪهاڻيون اڳي ڇا ڇا پيئون لکن. اصل فضل ايهو آهي سندي اديبائن جو. ڪي شاهه سچل سامي وارا بيت گيت پيئون لکن ته ڪي ٽئگور پرمانند ۽ شرت چندر وانگر ڪهاڻيون قصا پيئون لکن، ڪي ته ڪائي عام ليڪچر ۽ ڪن ۽ ريڊيو تي. وري ٽان پروگرام ۽ پيئون ڏين. جوانڙين جو هر ڏس ۾ اڳتي قدم ڏسي توهين ته جيڪر ڏاڍو عجب کائو.“

جانڪيءَ وڏي اُتساه سان چيو، ”اڙي چريا تو ڪيو عجب کائيندين! ماڻ ته اُدا اڄڪلهه پڻي آهيان. منهنجي ڳوٺ جون ناٽڪن قصا ڪهاڻيون ۽ بيت گيت لکڻ لڳيون آهن! واهه واهه، مولاڪي ته پر هتي ته جيڪر اُڏامي وڃي پنهنجي ڳوٺ ۾ پهچان. ماڻ ته آهيان ٿي ڪهاڻين جي ڪوڏي. اَدا، ڪنواري هوندي جي ياد ٿي اچيم، سڀني ماءُ ۽ چاچي جي چوڌاري اَسين ڇوڪريون سڀ ڪم ڪري وڃي ويهندا هئاسين.

books.sindhsalamat.com www.sundriuttam.com

لانئون لاهي پئي وهيا.

اتي ڪنول ڏاڍي آڻروٽا سان چيو، "هي ڳالهيون ته منهنجي امي ۽ بلڪل ساڳيءَ طرح ٻڌائيندي آهي!"

ڳوڙهن سان تمتار اکيون مٿي کڻي جانڪيءَ پڇيو، "ڪير؟"

"منهنجي امي! توهانجي شڪل ۽ گهڻو ڀاڱي ملي اُن سان. هوءَ ڪڏهن ائين ۽ چوندي آهي ته ورهاڱي وقت سرحد پار هڪ ڀيڻ پرڙجي وئي هئي، جنهنجو نڪو ڏس نڪو پتو اٿس. اها به ڳالهه ڪندو آهي ته ورهاڱي وقت جڏهن ماڻهو گهر ٻر ڇڏي! الـي ڀـڳا تڏهن ڪيترا ڪٽنب هڪ ٻئي کان وڇڙي ويا. اسانجي امي ۽ ڪنهن هڪ اسپتال ۾ ملي آئي. ورهاڱي جي قتلان ۽ ستايلن جي شمرا لاءِ اسپتالن ۾ ڪاڏو هـٽي وراهيو ته اميءَ سان ڏيٺ ويٺ ٿي وئي...."

جانڪيءَ لڙڪن ۾ ٻڏل سان منهن اکيون چيو، "پاروتي ته ڪانهي تنهنجي ماءُ؟"

ڪنول جون اکيون ڦاٽي ويون - "هوءَ چوندي آهي ته اڳئين جنم ۾ پاروتي هئس."

"اڙي آيا! .... منهنجا لال ڪنول! تون ته منهنجو سڳو ڀاڻجو آهين!! اسين زالون شاديءَ کانپوءِ واريءَ حياتيءَ کي ڇڙون ٿيون ٻيو جنم، سو حق لي تنهنجي اميءَ ٺوڪي چيو آهي ته اڳئين جنم ۾ پاروتي هئس ڇاڪاڻ پهرين نالو پاروتي هوس.

books.sindhsalamat.com www.sundriuttam.com

هاڻي ڪو جانڪيءَ جي ٻه ٻچا ڪي ڏسي ها.

گهونس جڏهن گهر ۾ قدم رکيو ته ڪنول کي ٻاهران ڪان چڪيندي، "ٻڌو ٽا، ٻڌو ٽا..." چوندي سندس اکيان وٺي ويئي. "هي اسان منهنجو ڀاڻيجو منهنجي ڀيڻ .... ڀار پنهنجيءَ جو پٽ!.... ڪيتي اچي پرڏيهه ۾ ڏٺي مليو اسان!" چوندي چوندي وري اچي روئڻ ۾ چتڪي. ڪنول، گهونس کي سڄي ڳالهه پرانتي ڪري ٻڌائي. هن به ڪنول کي ڪٽي گلي لڳايو. ڪنول جي ته چنڊ جهڙي ڪول چهري مٿان ٻهڪجاڻيءَ جي چالهه وڪي ٻهڪي پيئي.

جانڪيءَ جي به خوشيءَ جو پارو ڪين هو. چوڻ لڳي، "ڪنول پٽ! لوڪي ڏسي ته اهين ڀيٽي سمجهان، جن سالن جي وڇڙيل ڀيڻ ملي آهي مونکي. ڇا چوان لوڪي مٺا! لون نه آهين اسان ٻنهي جي وچ ۾ پل، ان سرحدن جي وچ واٽ..."

اهو سڀ چوندي سندس نڪ جي ٻوندي وري ڳاڙهي ٿي ٿي ويئي.

گهونس چيو، "اڙي ڀيڻ لون روئين ڇو ٿي؟ لوڪي ته هاڻي ڪيل گهرجي. هميشه ٻيئي سگهندي هيئنءَ سنڌ ڏسڻ لاءِ، هاڻي ته پهتين لڏي آهي نه هلي اڀاڻو ڏسه ڏيکاري هندوستان. اڙي اچ وڃ ڏکي نه ڪري ڇڏين ها ته گهڻو اڳ ئي هلان ها. ڇا ڪجي؟ ڏسه به جو پرڏيهه ٿي پيو آهي!"

(آگسٽ ١٩٨٢ ۾ دهلي ريڊيو تان پڙهيل.)

books.sindhsalamat.com www.sundriuttam.com

# مٺي ڪواڙي

ڀورلن ڊنمي شيمپو ڪمپنيءَ جي مشهوريءَ لاءِ شيمپو وڪڻڻ آئي ته "آنٽي" ڇٽي ڳالهايو هئائين. هڪ سريلي آواز سان انگريزيءَ ۾ شيمپوءَ جا گڻ ۽ قيمت ٻڌائڻ لڳي ...

چيومانس، "چار ڏاڪڻيون چڙهي آهين. ويهي ساهه جو ساهه ته کڻ ..."

چؤطرف نظر ڦيرائيندي هال ۾ وڏيءَ ميز اڳيان ڪرسيءَ تي اچي ويٺي. مون بسڪيٽ ۽ پاڻي اڳيان رکيومانس ته بسڪيٽ جي پليٽ پرتي سرڪي، سهڻين ڊگهين آڱرين سان ۽ اڳيان رکيل برنيءَ مان پاڻي ڪڍي هٿ ۾ جهلي مون ڏي ڏسڻ لڳي.

"آنٽي، پلي ڪٿان ٿي؟" هن ٺيٺ سنڌيءَ ۾ پڇيائين.

"اڙي واهه! تون ته سنڌياڻي آهين؟ مون ته توکي پارسياڻي يا گجراڻ سمجهيو."

"ها آنٽي، مان ته ٺيٺ سنڌياڻي آهيان. ڊيڊي مميءَ ڪانوينٽ ۾ پاڙهيو اٿم، انڪري توهان کي سنڌياڻي نه لڳي هونديس."

"شڪر آهي سنڌي پاڻ ته ڄاڻين."

"پاڻ ته مونکي ڏاڍو وڻندو آهي."

"۽ سنڌيءَ ۾ ڳالهائڻ؟"

books.sindhsalamat.com www.sundriuttam.com

”وڻندو نہ آهي، پر گهر ۾ مٺي ٻولي هندي يا انگريزيءَ ۾ ڳالهائيندا آهن“

”پوءِ تون ڪيئن سنڌي سکئينءَ؟“

”منهنجي سوٽ گرنٿ صاحب آهي نہ! اها روز سنڌيءَ ۾ ڳالهائيندي آهي.“

”چڱو تنهنجي ڏاڏي ئي تنهنجي گهر ۾ سنڌي ٻوليءَ کي سلامت رکي ويٺي آهي.“

”آنٽي، منهنجين مرهٽي ۽ گجراتي ساهيڙين جا مائٽ بہ گهرن ۾ پنهنجي ٻوليءَ ۾ ڳالهائيندا آهن.“

”پوءِ توکي تنهنجن مائٽن جو سنڌيءَ ۾ نہ ڳالهائڻ ضرور نہ وڻندو هوندو؟“

”اهو ڏاڍو خراب لڳندو آهي آنٽي. ڏسو نہ انگريزن کي ڪيڏو نہ پنهنجي ٻوليءَ سان پيار آهي! ڪٿان ڪٿي اچي هتي ڪالونيون ڪيون اسان کي انگريزي سيکارڻ!!....“

هن ننڍيءَ عمر واريءَ ڇوڪريءَ جو ذهن ۽ عقل ڏسي، پيار اچي ويو مٺس. سندس ڪلهو ٺپي چيم، ”سنڌي ساهتڪارن بہ وطن کان وڇڙي، ڪوشش ڪري رهي آهي، هتي پنهنجي سنڌي ٻوليءَ جو ٻين اڳيان ڳاٽ اوچو رکيو آهي....“

هوءَ ڪا گهڙي سوچ ۾ پئجي ويئي. پوءِ اوچتو خيال اچڻ تي چيائين، ”پر هي شمع آنٽي!“

مون ڪالهہ شمع نہ خريد ڪئي پر ڪيترا ڏينهن

books.sindhsalamat.com www.sundriuttam.com

سنڌس سوچ ڪنڊ ۾ صورت اکين اڳيان ڦرندي رهي.

ٻئي ڏينهن جڏهن هوءَ آئي ته ڊرم ڏسي وجهندي ٿي هئي "ڪيئن ڊيڊي!" چئي اهڙيءَ ڍب سان اچي هٿ ملايو، جو مان ته دنگ رهجي ويس. ٻڌڻ لڳي لڏندي ڏاڍي فلڪ سان چيائين، "ٻڌايو ڊيڊي، لوهاڻي سنڌيءَ جو ڇا ٿي رهيو آهي؟"

ڳالهه ٻڌي اندر وڃي آئيس. چيم، "لوهاڻي سنڌي" جو ڇو ٿي پڇين؟ اسانجي سنڌي جو ڇو نه ٿي پڇين؟"

"ساري (Sorry) اسانجي سنڌيءَ جو ٻڌايو ڪهڙو حال آهي؟"

"بابلي سنڌيءَ کي ڏاڍو ڏکارو جو بار ته هاڻي لوهاڻن جوانن جي ڪلهن تي آهي."

"ڊيڊي سچ ٿا چئو."

مون چيو، "اڄ ڀلا ڪهڙي شيءِ يا ڪم جي مشوري ڪرڻ آئي آهين؟"

"اڙي نه، اڄ مان هڪڙي تمام وڏي مقصد لاءِ آئي آهيان."

"تمام وڏي؟ اکيون ڇنڀيندي چيم. هن ١٩-٢٠ ورهين جي ڪڏهن کي چوڙائي ڏاڍي پئي ڏل ٿي. مون ڀاڪر کوڙيندي سان اکيون ڦاڙي چيائين، "ها ڊيڊي، اسانجي ڪالونيءَ ۾ هڪ استري سماج آهي. اُن هڪ سڀا ڪوٺائي آهي، جنهن ۾ جدا جدا ڳالهين

books.sindhsalamat.com www.sundriuttam.com

جن عورتن پنهنجي پنهنجي جاءِ جي لباس، ڪلچر، ساهت، سنگيت وغيره بابت ڪجهه ٻڌائينديون.”

”سو توهان اُتي سنڌڻ جي عورتن تي ويندين؟”

”توهانجو اڳين ٻيري چيو هو ته جيڪو به سنڌي، پنهنجي ٻولي ڳالهائي ٿو، سو سنڌي جاءِ جو سپاهي آهي! ڏسو هن ٻيري توهان سان سڀ سنڌيءَ ۾ ڳالهايو اٿم نه...”

”ڏاڍي چالاڪ آهين. منهنجي ئي ڳالهه سان مونکي اچي پڪڙيو اٿئي.”

”۽ مونکي جو اچي استري سماج ۾ پڪڙيو اٿن. چي: توهان سنڌين ۾ به اسان وانگر سنت، مهاتمائون، ساهتڪار، سنگيتڪار ۽ ڏنڌ وار هوندا. مون چيو مان: ها ها، ضرور هوندا. مان ڇو ڀلجي وڃان؟”

”ڏاڍو فخر ٿيو اٿئي سنڌي هجڻ تي؟”

”سو ته ٿيندو ئي. سڀني کي پنهنجي پنهنجي جاءِ تي فخر آهي ته مان ڇو نه ڪريان. اسين ڪيترو به ڪٿي انگريزي ڳالهايون، هندي ڳالهايون يا رهنداسين ته سنڌي ئي نه....”

مان هن لاءِ تيار نه هيس جو ناز ۽ فخر ڪريان ٿي ڪريان نه. هوءَ واچ ڏسي اٿي کڙي ٿي ”مان شام جو ايندس. سوالن وارو پنو ڪٿي. ٺيڪ آهي نه؟”

هوءَ ڇا وئي آهي! ۽ مونکي پنهنجي نئين نسل لاءِ اميدن جي جوت جاڳائي وئي آهي.

books.sindhsalamat.com www.sundriuttam.com

# ....پکي سُونهبو پنهنجي

شامي، اصل ان طرح لهر ۾ اچي ويندي، اهڙي ڳالهه نه دروءَ ڪڏهن به ڪانه سوچي هئي. شاميءَ جي پرواريءَ جڳهه ۾ آئي، کيس به مهينا گذري ويا هئا، پر شاميءَ کي سدائين سنجيدي ئي ڏٺو هئائين. دروءَ پهرين ته ”آنٽي آنٽي“ ڪري سڏيندي هئس، پر شاميءَ جي ناراض ٿيڻ تي ”دادي“ ڪري سڏڻ لڳي هئس.

داديءَ لاءِ عزت ۽ پيار ۾ هوس. ويتر جو داديءَ جو پاٽيجو شادي ڪرڻ لاءِ ولائت مان اچي، داديءَ وٽ لٿو ته دروُ جڻ شاميءَ جي ننڍي ڀيڻ ٿجي ويئي. گڏجي وڃي ڇوڪري پسند ڪري آيون ته ڪپڙو به گڏجي وٺي آيون...

مگر لاڏن مهل شامي هن طرح ”لتوُ لتوُ“ ڪندي اٿي نچڻ ٽپڻ لڳندي، اهڙو ڪيس خواب خيال ۾ به ڪين هو. دروءَ کيس زنده دليءَ سان نچندو ڏٺو ته سندس نستي جسم ۾ به خوشيءَ جي لهر ڊوڙي ويئي. خوشيءَ کي ڳولڻ لاءِ ته هوءَ پنهنجو فلئٽ به ڇڏي آئي هئي!...

لاڏي هلندي، ”تو لاءِ سپاهي ۽ گهرايان؟ وزير سڏايان؟ راجا کي مڃايان.“ ”ڇڻ نـــه سهڻي؟ ڪجهه ملوُڪڙي؟“

books.sindhsalamat.com www.sundriuttam.com

اُٿي ٻاهر هلي وئي.

شاميءَ چيو، ”ڇڏيو هاڻي ساڪيون، ويچارين گهوٽن کان وڇڙيل دلين وجهلي ٿيون پيون. مون هيڏيءَ ساريءَ سيٺ سڄڻ واريءَ کي به رنڍ پيو اچي.“

سڀني کان ٽهڪ نڪري ويا.

ڏروءَ من ۾ جهالي پالي ته ڪيس به پنهنجو من بلڪل ڳرو محسوس ٿيو. ۽ شاميءَ شروع ڪري ڇڏيو:

”ٻاروچو، منهنجو ولائت کان لو اچي.“

ڪڙيءَ پڇيو، ”آدي پوءِ ڪا ڪٽ بت گهرائي اٿيئي ٻاروچي لاءِ؟“

ٻيءَ جواب ڏنو، ”چوڻ آدي، هالن مان جنديءَ جي ڪٽ گهرائي اٿم.“

ڏروءَ پڇيو، ”جندي ڇا؟“ ليڪن اتر و آهستي چو جو رکو شامي لي پڌي سگهي.

شاميءَ هٿن ۾ ڪنڌ کي لوڏو ڏياري چيو، ””ماٺ ڪر ماٺ، مائي! ٻلب جي گاديلي وارو پلنگ لهرايو اٿم، سنڌ سنهڙو واري کان.“

ٻهرينءَ چيو، ”ڀلا وڪو ڪهڙيءَ ولائت کان گهرايو اٿيئي؟“

ٻيءَ چيو، ”چين ولائت کان.“

شاميءَ پٽ لي هٿ جي لريءَ سان ڏک هڻي چيو، ”قسمت مٺي ڇيني کي، وڪو نه وليي آئي آهيان ڪانڊي

books.sindhsalamat.com www.sundriuttam.com

مارڪيٽ مدجهان."

ڪلڪو پنهنجي ويو. ۽ ٻيو لاڏو شروع ٿي ويو، "چٽوُن چري پري، گهوٽ ماءُ ٿو گهري."

سڀئي گهوٽ ماءُ ته ولائت ۾ وهني هئي. پر گهڙيون شاميءَ کي ٿي ڪٽيون هيون، انڪري سڀيئي شاميءَ کي ٿي شرطائون لڳيون.

چون پيئون، "ڪنوار پيءُ تو لاءِ وڏا نهرائي رکيا آهن... سڪر جي سوناري ڪان ساه گهڙائي رکي اٿس... چندو حلوائيءَ ڪان حلوي جا ٿالهه لهرايا اٿس، ٻـــڌاءِ گهوٽ ماءُ، وڃين ٿي ڪا نه ٿي وڃين؟" شامـي پلئه سان منهن ڍڪي، "نه نه" ڪندي رهي. ڳالـهون ڪيس ڪلڪتي بنگلور، اجمـــير احمدآباد، دهلي ٻـــوني، گانڌ يڏام سند ونگر ۽ سند وغيره جـــي عجيب غريب شين جا ڏس ڏسنديون رهيون پـــر شاميءَ جي هٿي اهاڻي مکيي هانيءَ واري ڪند ڏوُڻ.

آخر ڪنهن چيس، "پلا هٽليڪا پٽر تنهنجي گهمائڻ لاءِ گهرايو اٿس."

ٻيءَ چيس، "اڙي وهنگس، اسپوُتنڪ ۾ چاڙهـــي چنڊ تي تو وني هليئي..."

پـــر شاميءَ جـــا هتا ڏاڍا نخرا. نئين ڪنوار وارو گهونگهٽ ڪڍيو پيئي ڪند ڏوُڻـي. هڪڙيءَ وڏيءَ عمر واريءَ ڳال نه ڏڪ هڻي چيس، "نياڻي چـــوري!

books.sindhsalamat.com www.sundriuttam.com

ڪهڙي ڳهاري ڳهت ٿي پوڻي؟ پاڻ پرچي ٽرجي ايندا هن." مگر شاميءَ جو اهو ٿي نه اکر.

ليت هڪڙي ٽاڙي وڄائي اٿي بيهي چيو، "ڪنوار پيءُ، ڪنوار سهيرالي، تنهنجي پٽ لاءِ."

شامي به گهونگهٽ ڪري اٿي بيٺي. هڪ چيلهه تي پيو هٿ لوڏيندي چوڻ لڳي، "پار ٻچا پاسي ڪريو، سيٺن م ٿي وڃان."

ڏرڙ پنهنجن پرم تيل وارن م آگريسون ڦيرائيندي ڏاڍي عجب ۽ شوق سان هي لهه ٽرندو تيار تيل ٽانڪ ڏسي رهي هئي.

اوچتو هڪ ننڍي نيڻي ڳاڙهي ڳنڍڪي عوارت مٿي تي سانڍهيءَ جو ٽنڪو ٻڌي لڪڻ هٿ م ڪٽي وچم اچي نچڻ لڳي ۽ گهڙيءَ گهڙيءَ لڪڻ لي آڪڙ جي ٻچڻ لڳي، "ڏس ٻڍي جي ڏاڙهي، مان ٻڍو آهيان؟"

سيبيٽي گڏجي چوڻ لڳيون، "ها ماريا ٻڍو آهين."

ڏرڙ ته ڪلي ڪلي پئي ڪيرو ٿي. ڳاڙهي ٻنڪي هينان اچي لراڙي، ڪمان جهڙا پروُن، نوڪيلو نڪ ۽ ڳاڙها ڪلٽا چپ هئا. ڏرڙ ته جوانڙيءَ جي منهن مان اک ٿي نه پئي ڪڍي سگهي. چوڪري به ڪا ناچ م پربيڻ ٿي ڏٺي. شروع جو ڪياٿين، "هو جمالو!"، ته چيچ پٽجي ويئي، سڀ ننڍيون وڏيون اٿي، پير ڪٽڻ لڳيون ۽ ٽاڙيون وڄائڻ لڳيون. ڏرو به پاڻ روڪي نه سگهي.

books.sindhsalamat.com www.sundriuttam.com

رتن جڏهن شام جو آفيس مان موٽيو ته ڍهـــڻ ڊروءَ کي گهر ۾ نه ڏسي سمجهي ويو ته پاسي واري گهر ۾ ويٺي هوندي، جتان ناچ راڳ جا آواز پئي ٻڌڻ ۾ آيس. اڄ هو پاڻ ئي اتي وڃي ڇانهه ناهڻ لڳو.

ڊرو، رتن جي ٻي زال هئي. پهرين زال جلد ئي مري ويئي هئس. اولاد به ڪو نه ڇڏي ويئي هئي. انڪري ٺاڙڪ نينگريءَ ڊروءَ جو، رتن ڏاڍو خيال رکندو هو. پوءِ به ڊرو خوش نه هئي، سندس شڪل پيلي ٿيندي ٿي ويئي. هڪ ڏينهن تو اس جي حالت ۾ رڙ ڪري چيائين، "ڪڍو مونکي هن قلعت منجهان، نه ته اڪيلائي مونکي کرڪائي ويندي."

رتن پڇيو، "مان جو آهيان. پاڙي ۾ هيترا گهر آهن، پوءِ به تون اڪيلي!.."

ڊروءَ چيو، "توهين ڇا سڄو ڏينهن مون سان ٻڌا ويٺا آهيو؟ ۽ هي پاڙي جا گهر آهن يا بمبئي جا قيد ڪوٺ آهن؟ هي اين ٻين جاتين جون زالون پاڻ کي سمجهن الاجي ڇا پيئون؟ ۽ رلٽيون ملٽيون، نه ڪلٽيون ڪڏٽيون. پنهنجيءَ ٿي ۾ پوريون آهن."

رتن سمجهي ويو هو ته ڊروءَ کي ڇاجي کهرج هئي. هفتو به مس ماٺڻ ۽ دلالن پنيان ڊڪ ڊوڙ ڪري هڪ سنڌي ڪالوني ۾ مسواڙي جاءِ ڳولي آيو. جاءِ ڊروءَ کي به پسند آئي. ليڪن تورو ڏجي چيائين، "ڏسو، مان نه

books.sindhsalamat.com www.sundriuttam.com

رهي آهيان هندستان کان ٻاهر، جتي سنڌياڻيون ڪي ورلي رهنديون هيون. هتي الاهي ڪيتريون هن پاڙي جي سنڌياڻين سان هري سگهنديس...“

رتن همٿائيندي چيو هوس، ”ڏپ نه ڪر، سنڌي وري به پنهنجا آهن.“ ۽ جڏهن ڏرو سچ پچ ٿي پاڙي وارين سان هري ويئي، تڏهن رتن چيو هوس، سچ چيو اٿن، ”راڻي چاهي پاڻهي، پکي سونهبو پنهنجي.“

ڏرو جڏهن دهلِ جي ڌمڪ، ناچ جي ڌچ ڌچ ۽ گيت جي گونج ڪٽي گهر ۾ آئي، تڏهن ڌسي نه گهونس وينئي چانهه ناهي. ڪلي چيائين، ”مونکي چو نه سڏيو. ڪو پري ٿورو ئي ويٺي هئس.“

”اڙي راڻي! مسين مسين نه سنڌين جي محفل ۾ وڃي روح ريڊو هوءِ، سو اُتي ڪيتري رضو وجهندس؟“

ڏروءَ کلي چيو، ”سنڌياڻين محفل واه جي مچائي هئي. پيلي آهن سچ پچ زنده دل. اصل ڳالهه ڳالهه ۾ ڊرامو ٺاهي ٿيون وٺن.“

”تڏهن چا سمجهيو اليٽي. سنڌي دماغ آهي موهن جي دڙي وارو، نج اصل دماغ. ڪو اڄڪلهه جو پلاسٽڪ جو دماغ ڪونهي.“

”مونکي نه اچي سنڌي وٽندا ئي ڪرنه هئا.“

”ٻلا سنڌين سان گڏ رهي جا نه هئينءَ. سڪول ۾ پڙهينءَ انگريزي نه ناچ ۾ سکينءَ انگريزي. شڪر آهي

books.sindhsalamat.com www.sundriuttam.com

جو سنڌي ۾ ڳالهائي سگهين ٿي."

"ولايت ۾ ھجبو ھو ته اُتي گھر ۾ سنڌي ڳالهائڻي پوندي ھئي. اڄ اُھيءَ سنڌي ڳالهائڻ ٿي ته ڇاڪاڻي ورتو اٿم، ڇو ته ھن پاڙي ۾ به جيڪر مان پاڻ کي اوپري ۽ اڪيلي محسوس ڪريان ھا."

"چئبو ته توکي سنڌياڻين جي محفل جو رنگ چڙھي ويو آھي،" چوندي رتن شرارتي نموني مشڪيو.

درو، لاڏن جي محفل تان موٽي ھئي ته سندس سولھن ٿي نڪري آئي ھئي. خون ۾ ڏاڍي حرارت اچي ويئي ھئس. پتيءَ جو ھٿ پنھنجي ڳل تي رکي چيائين، "ڏسو نه لپي لوھ ٿي ويا آھن... اُلا، سنڌياڻيون گاريون ته ڪيئن ڏين ٿيون!"

رتن کلي چيو، "شاديءَ مراديءَ ۾ ته گاريون ھرڪنھن جاءِ ۾ ڏبيون آھن. پيار وچان ڏنل گاريون ته گھريءَ جذبات جو ۽ پنھنجائپ جو اظھار ھونديون آھن..."

دروءَ ڏاڍي ناز اَدا سان ڦيرو پائي چيو، "ھا، توھين ته بس ائين ئي چوندا." سندس اکين جي ڪنڊن مان مستي پئي ٽمڪي.


"اھو ڀلا ڪوئي سنڌي ناچ سکي آئي آھين ڇا؟"

رتن ھيٺرن ڏينھن کان دروءَ جي ڳلن ۾ لالائي ڏسي بھار بھار ٿي ويو ھو.

books.sindhsalamat.com www.sundriuttam.com

مان ذات جو سورج اُڀاري اڳتي وڌيس - منهنجي
مايوسين منهنجي ذات جي سورج کي "ڏيو" بڻائي هر شام ک
منهنجي منزل جو آخري پيڙ مقرر ڪيو - پوءِ به مون ۾ ايترو حو
آهي، جو مان هن ٽمڪندڙ ڏيئي کي هٿن ۾ کڻي، صبح جا پير
ڪڍڻ رهيو آهيان

# انيتا جهليو پُوڙ



سنڌيءَ جي سدا ملوڪ ۽ بَرک عوامي شاعر تاجل
"بيوس" جي شاعريءَ جي ڪتاب" جڏهن پوڻ ۽ ٻئي سمان
پوءِ پنهنجي پڙهندڙن لاءِ نثري نظمن جو هڪ
لاجواب تحفو.

## = جلد پڌرو ٿي رهيو آهي =

books.sindhsalamat.com www.sundriuttam.com

# پڙهندڙ نَسُل . پَ نَ

## The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾ عبدالله حسين " اُداس نسلين" نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻڪَ "لُڙهندڙ نَسُل" نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، ڇُرندڙ، ڪِرندڙ، اوسيئڙو ڪَندڙُ، ياڙي، ڪاٺُو، ياجوڪَڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سَگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سڀني وِچان "پڙهندڙ" نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان کڻي ڪمپيوٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعنى e-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌڻ، ويجهَڻ ۽ هِڪَ ٻِئي کي ڳولي سَهڪاري تحريڪ جي رستي تي آڻِڻَ جي آسَ رکون ٿا.

پڙهندڙ نسل (پَنَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهڙي دعوىٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَنَ جي نالي ڪي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بہ ڪُوڙو آهي.

جهڙيءَ طَرَح وڻن جا پَنَ ساوا، ڳاڙها، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اَهڙيءَ طرح پڙهندڙ نَسُل وارا پَنَ بہ مختَلِف آهن ۽ هوندا. اُهي ساڳئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، ٻَرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بہ ٿي سگهن ٿا. ٻين لفظن ۾ پَنَ ڪا خُصوصي ۽ تالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَنَ جا سڀ ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِين. اهڙي حالت ۾ پَنَ پاڻ هِڪٻِئي جي مدد ڪَرڻ جي اُصولَ هيٺ ڏي وَٺُ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رهندا. پَنَ پاران ڪتابن ڪي ڊِجيٽائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن ڪي ڊِجيٽائِيز ڪرڻ کان پو ٻيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن ڪو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو پَنَ سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پَنَن کي کُليل اکرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ هو وَسَ پٽانديڙ وڏِ کان وَڏِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمٿائِن. پر ساڳِئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪَنهن بہ رُڪاوٽ کي نہ مڃن.

شيخ اَيازَ علمَ، ڄاڻَ، سمجهہَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽَ، پُڪارَ سان تَشبيهہ ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہِ جڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.

... ...

جٿَن جٿَن جاڙ وڏي تي ججَگَ ۾، هو ٻوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛
ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موٽي مَنجهہِ پهاڙ ڇُپن ٿا؛

... ...

ڪالهہَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهہ نيلا پيلا آهن؛
گيتَ بہِ جڻ گوريلا آهن........

... ... ... ...

هي بيتُ اَٿي، هي بَم- گولو،
جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!

مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،
جنهن رِڻَ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَّ ۽ چَمَ جو ساٿي آ ـ

اِن حسابَ سان اٽڃاٽائي کي پاڻَ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ ”هاڻي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو“ ناداني‌ءَ جي نشاني آهي.

پَنَ جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر کڄي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اڻڄاڻن ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَنَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ ٻين ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بنائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پڙهندڙ نَسُل جا پَنَ سيني کي **چـو، چـالاءِ ۽ ڪـيـئـن** جهڙن سوالن کي هر بَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوشَ ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اڻٽر گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڙهڻ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا. بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

وڻ وڻ کي مون ڀاڪي پائي چيو تہ ”منهنجا ڀاءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ“.
- اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)

# سنڌ سلامت

## www.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سندس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، ڇو تہ تاريخ هميشہ انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نہ رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.

اسان جي خواهش هئي تہ سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آساني سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.

۽ اهو سڀ ”سنڌ سلامت ڪتاب گهر“ ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو. اميد تہ سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نہ صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو ڀورو ساٿ نڀائيندا.

books.sindhsalamat.com

**سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ اپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:**

https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book